جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
ABC
CARTL_
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 17 | سومر 16 نومبر 2026ع بمطابق 05 جمادي الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 36

صدر پاران اعلان آزاديءَ جي سالگره تي فلسطيني رياست جي لاءِ پاڪستان جي پختي حمايت جو ورجاءُ

صدر آصف علي زرداري فلسطيني رياست جي آزادي جي اعلان جي 38 هين سالگره تي فلسطين جي صدر محمود عباس ۽ عوام کي دل جي گهراين سان مبارڪون

فلسطيني عوام جي جائز حقن، خاص طور تي خود اراديت جي حق لاءِ پاڪستان جي پختي حمايت جو ورجاءُ ڪيو آهي پاڪستان ۽ فلسطين وچ ۾ گڏيل تاريخ، گڏيل اعتماد، يڪجهتي ۽ گڏيل خواهشن تي ٻڌل ويجها پائيدار لاڳاپا هموار آهن

پاڪستان جي عوام فلسطيني عوام کي انتهائي احترام جي نگاهه سان ڏسي ٿي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ دوستي ۽ ڀائيچاري جي رشتن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي

صدر آصف علي زرداري گڏيل قومن جي قراردادن موجب 1967ع کان اڳ جي سرحدن جي بنياد تي آزاد، خودمختيار، عمل جوڳي ۽ رياست فلسطين جنهن جي گادي وارو هنڌ القدس الشريف هجي

قيام لاءِ پاڪستان جي مضبوط ۽ اصولي حمايت جو ورجاءُ ڪيو. هن فلسطيني عوام کي مسلسل درپيش مصيبتن جي ڏس ۾ انهن سان گڏ پاڪستان جي يڪجهتي جو ورجاءَ

فلسطيني عوام کي مسلسل درپيش مصيبتن جي ڏس ۾ انهن سان گڏ پاڪستان جي يڪجهتي جو ورجاءَ ڪندي پائيدار امن، آزادي ۽ وقار لاءِ انهن جي خواهشن جي حمايت جو به اظهار ڪيو

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري فلسطيني رياست جي آزادي جي اعلان جي 38 هين سالگره تي فلسطين جي صدر محمود عباس ۽ عوام کي دل جي گهراين سان مبارڪون ڏيندي فلسطيني عوام جي جائز حقن، خاص طور تي خود اراديت جي حق لاءِ پاڪستان جي پختي حمايت جو ورجاءُ ڪيو آهي. صدر فلسطيني صدر محمود عباس جي نالي پنهنجي خط ۾ چيو ته پاڪستان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

اقتصادي تعاون تنظيم جي پرڏيهي وزيرن جو ٻن ڏينهن وارو اجلاس، شرڪت لاءِ ميمبر ملڪن جا وفد پهچي ويا

ڪانفرنس ۾ ميمبر ملڪن جي وچ ۾ علائقائي واپاري ۽ تعاون کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي، اي سي او ڪونسل آف منسٽرز ڪانفرنس جي صدارت نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ڪري رهيا آهن

ڪانفرنس لاءِ پاڪ چائنه سينٽر ۾ عالمي ۽ مقامي ميڊيا لاءِ فسليٽيشن سينٽر قائم ڪيو ويو آهي. فسليٽيشن سينٽر اي سي او ڪانفرنس جي سرگرمين جا تفصيل ميڊيا سان شيئر ڪيا ويندا

جمهوريه ترڪيه جي نائب پرڏيهي ۽ ترڪ وفد جي سربراهه موسيٰ ڪلاڪلي ڪايا 30 هين اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) پرڏيهي وزيرن جي اجلاس ۾ شرڪت جي لاءِ اسلام آباد پهچي ويا آهن

اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پرڏيهي وزارت جي آفيسرن انهن جو استقبال ڪيو. ايران جو پرڏيهي وزير عباس عراقچي اجلاس ۾ خصوصي طور تي شريڪ ٿيندو

ايران جو پرڏيهي وزير عباس عراقچي اجلاس ۾ خصوصي طور تي شريڪ ٿيندو. افغان پرڏيهي وزير کي اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت ناهي ڏني وئي

اجلاس ۾ علائقائي واپاري کي هٿي، ٽرانسپورٽ ۽ توانائي جي شعبن ۾ تعاون ۽ وچ ايشيا کي عالمي منڊين سان جوڙڻ جي امڪانن تي ڳالهيون ڪيون وينديون

اسلام آباد (بيورو) وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ 30 هين اقتصادي تعاون تنظيم جي پرڏيهي وزيرن جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ميمبر ملڪن جا وفد پهچي ويا. ڪانفرنس ۾ ميمبر ملڪن جي وچ ۾ علائقائي واپاري ۽ تعاون کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي. اي سي او ڪونسل آف منسٽرز ڪانفرنس جي صدارت نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ڪري رهيا آهن. ڪانفرنس لاءِ پاڪ چائنه سينٽر ۾ عالمي ۽ مقامي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: اقتصادي تعاون تنظيم جي پرڏيهي وزيرن جو ٻن ڏينهن واري اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پرڏيهي وزيرن جي آمد جو سلسلو جاري آهي

يورپ جي نئين بچاءُ ۽ سلامتيءَ واري نظام ۾ روس کي شامل ڪرڻ جي تجويز ڏئي ڇڏي

ابوظهبي ۾ آمريڪا، روس ۽ يوڪرين وچ ۾ ٽيل ڳالهين دوران يورپ جي مستقبل جي سلامتيءَ واري نظام تي به ويچار ونديا ويا

روسي ڳالهين واري وفد جي سربراهه آمريڪي تجويز کي ماسڪو لاءِ هاڪاري اڳڀرائي قرار ڏنو

روس جي پرڏيهي وزارت به يورپي ملڪن کي نون بچاءَ وارن ٺاهن جي آڇ ڪئي

واشنگٽن (م ر) ٽرمپ انتظاميا يوڪرين جنگ کانپوءِ يورپ جي نئين بچاءُ ۽ سلامتيءَ واري نظام/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

متحده جا اڳواڻ سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي سياسي شطرنج جا مهرا بڻيل آهن: ناصر حسين شاه

متحده جي قيادت جي پوئتي پيل سياسي سوچ ئي ان جي عوامي حمايت ۾ گهٽتائي جو بنيادي سبب آهي

سنڌ جا عوام پاڪستان پيپلزپارٽي سان گڏ بيٺل آهن ۽ متحده کي ان ڳالهه جي تڪليف آهي ته عوام پيپلزپارٽي سان گڏ جو بيٺل آهي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاه متحده قومي موومينٽ پاران سنڌ جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

فيصل آباد: وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي ريلوي منصوبي جو افتتاح ڪندي

گينوا: سينيٽر ثمينا ممتاز زهري ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

قازقستان جو نائب پرڏيهي وزير ۽ وفد جو سربراهه ارمان عيسيٰ گاليوف اسلام آباد پهچي ويو

اسلام آباد (بيورو) قازقستان جو نائب پرڏيهي وزير ۽ وفد جو سربراهه ارمان عيسيٰ گاليوف 30 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

النور ممدوف 30 هين اي سي او وزيرن جي ڪائونسل جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ اسلام آباد پهتو

اسلام آباد (بيورو) آذربائيجان جو نائب پرڏيهي وزير النور ممدوف 30 هين اي سي او وزيرن جي ڪائون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

ايران جو بحرين ۾ آمريڪي فوجي اڏي تي ڊرونن سان حملو

بحرين جي الرفاع هيليڪاپٽر اڏي تي ڊرون حملن دوران آمريڪي هوائي بچاءَ واري نظام جي رادار کي 6 ڊرونن وسيلي نشانو بڻايو ويو

اهي حملا آمريڪا جي دشمناڻين ڪاررواين جي جواب ۾ ڪيا ويا آهن: پاسدران انقلاب

اسلام آباد (بيورو) ايراني خابرو اداري موجب، ايران جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

500 بااثر مسلمانن جي فهرست ۾ وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جو به ٻيهرين نمبر

وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير ٻيهرين نمبر تي آهن

ترڪيه جي صدر رجب طيب اردوان کي به بااثر مسلمانن جي فهرست ۾ ٻيهرين نمبر تي رکيو ويو

اسلام آباد (بيورو) دنيا جي 500 بااثر مسلمان شخصيتن جي فهرست ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير ٻيهرين نمبر تي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

احمد سعيد مرادزاده اي سي او جي پرڏيهي وزيرن جي ڪائونسل جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ اسلام آباد پهتو

اسلام آباد (بيورو) شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل احمد سعيد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

نوشڪي ۾ شهيد ميجر، حوالدار جي جنازي نماز ادا، وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي شرڪت

جنازي نماز ۾ وزيراعظم شهباز شريف، آرمي چيف سيد عاصم منير، وفاقي وزير اطلاعات، نشريات، اعليٰ سول، عسڪري اختيارين ۽ شهيدن جي وارثن شرڪت

پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ پوري قوم اسان جي شهيدن جي عظيم قرباني کي خراج تحسين پيش ڪري ٿي

راولپنڊي (م ر) بلوچستان جي ضلعي نوشڪي پرسان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

راولپنڊي: نوشڪي ۾ شهيد ميجر، حوالدار جي جنازي نماز ادا، وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي شرڪت ڪئي آهي

پاڪستان فلسطيني عوام جي حق خود اراديت جي حمايت تي ثابت قدم آهي: پرڏيهي وزير

38 هين سالگره جي موقعي تي فلسطين جي حڪومت ۽ عوام کي مبارڪباد

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان فلسطيني رياست جي آزادي جي اعلان جي 38 هين سالگره جي موقعي تي فلسطين جي حڪومت ۽ عوام کي م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

جنگ بدران پنهنجي انفرا اسٽرڪچر تي خرچ ڪري ها ته آمريڪا هوائي پابندين کان بچي وڃي ها: ايران

اربين ڊالر خرچ ڪرڻ بدران پنهنجي بنيادي ڍانچي، هوابازي ۽ ٽرانسپورٽ جي نظام کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏئي ها ته ملڪ کي جهاز ساڍا چار ڪلاڪ زمين تي بيهارڻ واري بحران کي منهن نه ڏيڻو پوي ها

آمريڪا جي هوابازي واري شعبي کي جديد بڻائڻ لاءِ 50 ارب ڊالرن جي ضرورت آهي، ايران خلاف جنگ تي لڳ ڀڳ 47 ارب ڊالر خرچ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي پئي وڃي: حسن نوريان

آمريڪي حڪومت کي ٽيڪس ڏيندڙ شهرين جا اربين ڊالر جنگين ۽ فوجي ڪاررواين بدران ملڪ جي بنيادي ڍانچي، هوائي ٽريفڪ ڪنٽرول، آمدرفت ۽ رابطن جي نظام کي مضبوط بڻائڻ تي خرچ ڪرڻ گهرجن

تهران (م ر) ايراني پرڏيهي وزارت جي سينيئر عملدار حسن نوريان چيو آهي ته آمريڪا جنگين تي اربين ڊالر خرچ ڪرڻ بدران پنهنجي بنيادي ڍانچي، هوابازي ۽ ٽرانسپورٽ جي نظام کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏئي ها ته ملڪ کي جهاز ساڍا چار ڪلاڪ زمين تي بيهارڻ واري بحران کي منهن نه ڏيڻو پوي ها خانگي ٽي وي کي انٽروي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

لنڊن واري ڪانپوءِ هاڻ مصطفيٰ ڪمال جو خواب به لساني ورهاڱو ۽ جناح پور آهي: سميتا افضال

ملڪ خلاف سازشن سبب ڪيترائي ماڻهو لنڊن واري کان الڳ ٿي چڪا آهن، پر مصطفيٰ ڪمال اڄ به انهن جو پوئلڳ بڻيل آهي

فارم 47 جي پيداوار مصطفيٰ ڪمال پاران پيپلزپارٽي کي مينڊيٽ جا طعنا ڏيڻ حيران ڪندڙ آهي

جيڪو شخص ڪائونسلر جي چونڊ به نه کٽي سگهيو، اهو پنهنجي سياسي بقا لاءِ وفاق کي داءُ تي لڳائي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان سميتا افضال سيد وفاقي وزير صحت ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال جي نون صوبن ۽ ريفرنڊم بابت بيان تي سخت ردعمل جو اظهار ڪندي مٿس لساني ورهاڱي جي سياس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

نارروال: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب ۾ نياڻي سان شفقت جو اظهار ڪندي

اسرائيلي مخالف ڌر اڳواڻ نيتن ياهو جي اتحادي حڪومت ٺاهڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي

گڏيل حڪومت ٺاهڻ جي آڇ نئين حڪومت جي قيام کي ڏکيو بڻائڻ جي ڪوشش آهي

گڏريل ڏينهن نيتن ياهو هڪ ڀيرو ٻيهر مخالف ڌر کي گڏيل حڪومت ٺاهڻ جي آڇ ڪئي

تجويز ڪيل حڪومت ۾ رگويهودي پارٽين کي شامل ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي، جيئن ايران جي خطري کي ختم ڪري سگهجي

تل ابيب (م ر) اسرائيلي مخالف ڌر جي اڳواڻ گادي آئزنڪوٽ نيتن ياهو پاران قومي گڏيل حڪومت ٺاهڻ جي آڇ رد ڪري ڇڏي. عرب ميڊيا موجب، اسرائيلي مخالف ڌر جي اڳواڻ ۽ وزيراعظم جي اميدوار گادي آئزنڪوٽ نيتن ياهو پاران /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

مريم نواز معافي وٺي، پي ايم ايم ايل پاران نوٽيس جاري

پارٽيءَ کي ”دهشتگرد، غيرقانوني ۽ پابندي مڙهيل“ تنظيم قرار ڏيڻ بابت پنهنجا مبينا بيان واپس وٺي

سوشل ميڊيا تان تڪراري مواد هٽائي ۽ ستن ڏينهن اندر غيرمشروط طور عوامي معافي وٺي

لاهور (م ر) پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ (پي ايم ايم ايل) پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز کي قانوني نوٽيس جاري ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته هوءَ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

500 بااثر مسلمان شخصيتن ۾ اهم مقام ملڻ پاڪستان جي سفارتي اهميت ۾ اضافي جي عڪاسي آهي: وفاقي وزير

وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي عالمي فهرست ۾ شموليت پاڪستان جي وڌندڙ وقار جو مظهر آهي

محمد بن سلمان ۽ رجب طيب اردگان جهڙين عالمي شخصيتن سان گڏ پاڪستاني قيادت جي ان فهرست ۾ شموليت وڏو اعزاز آهي

عالمي سطح تي پاڪستان جي مضبوط سڃاڻپ ۽ قيادت تي وڌندڙ اعتماد جو اظهار به آهي ۽ پوري قوم کي پنهنجي قيادت تي فخر آهي

اسلام آباد (بيورو) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير کي 500 بااثر مسلم شخصيتن ۾ نمايان مقام ملڻ تي فخر جو اظهار ڪندي چيو آهي، ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي عالمي فهرست ۾ شموليت پاڪستان جي وڌندڙ وقار جو مظهر آهي. پارليا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

حوثين جا سعودي تي حملا جاري، ميزائيل ۽ ڊرون تباهه ڪرڻ جي دعويٰ

سعودي عرب جي اوڀرئين صوبي کي نشانو بڻائيندڙ ٽي ڊرون پڻ ڪيرائي تباهه ڪيا ويا

سعودي شهري دفاع واري اداري طرفان صبح جو 4 لڳي 8 منٽن تي خبرداريءَ جو سائرن وڄايو ويو

جنهن ۾ رياض جي رهواسين کي ايندڙ فضائي خطري کان خبردار ڪيو ويو. ڪجهه منٽن کانپوءِ ٽي زوردار ڌماڪا ٻڌڻ ۾ آيا

رياض (م ر) سعودي اتحاد جي فوجن آچر جي صبح سوير يمن جي ايران نواز حوثي باغين طرفان رياض ڏانهن فائر ڪيل ٻن بيلسٽڪ ميزائلن کي فضا ۾ ئي روڪي تباهه ڪري ڇڏيو جڏهن ته سعودي عرب جي اوڀرئين صوبي کي نشانو بڻائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

سعودي عرب پاران بئليسٽڪ ميزائيل ۽ ڊرون تباهه ڪرڻ جي دعويٰ

صبح جو گادي واري هنڌ طرف اڇلايل ٻه بئليسٽڪ ميزائيل فضا ۾ ئي روڪي تباهه ڪيا ويا

اها ڪارروائي سعودي فضائي دفاعي نظام ان وقت ڪئي جڏهن ميزائيل رياض طرف وڌي رهيا هئا

رياض (م ر) سعودي عرب جي قيادت ۾ قائم فوجي اتحاد مطابق اوير سعودي عرب ۾ هڪ ڊرون ۽ ٻه بئليسٽڪ ميزائيلن کي روڪي تباهه ڪي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي دوران گورنر جا اختيار وڌائڻ جو فيصلو

وزيراعظم شهباز شريف ايمرجنسي جي صورتحال ۾ گورنر کي حاصل اختيارن بابت گڏيل آرڊيننس صدر آصف علي زرداري ڏانهن اماڻي ڇڏيو

امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته وزيراعظم جي ايڊوائس تي صدر جلد انهي آرڊيننس کي جاري ڪندو

گڏيل قانوني قدمن جي تحت ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي دوران گورنر کي اڳ کان وڌيڪ اختيار حاصل هوندا

خيبرپختونخواهه جي 12 خصوصي ضلعن جي حوالي سان به گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي جي انتظامي اختيارن ۾ اضافو ڪيو ويندو

اسلام آباد (بيورو) خيبرپختونخواهه ۾ امن امان جي صورتحال جي حوالي سان وفاقي حڪومت گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي جي اختيارن ۾ اضافو جو فيصلو ڪيو آهي جنهن جي لاءِ هڪ نئون آرڊيننس جاري ڪرڻ جون تياريون ڪيون پيو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

سنڌي قومپرست سنڌين جا دشمن آهن، نون صوبن جا مخالف جهيڙو چاهين ٿا: مصطفيٰ ڪمال

پاڪستان اڄ انتهائي اهم ۽ فيصلاڪن تاريخي موڙ تي بيٺل آهي، ماضي جا خواب هاڻي حقيقت جو روپ وٺي رهيا آهن

نون صوبن جي قيام لاءِ عوامي راءِ شماري ڪرائي ويندي ۽ ڊسمبر جو مهينو انتهائي اهم آهي

نون صوبن جا مخالف هن شهر ۽ صوبي جي لساني ڌرين کي هڪ ٻئي سان وڙهائڻ چاهين ٿا

ملڪ ۾ زميندارانڙي، وڏيرڪي ۽ سرمائيدارانڙي نظام کي دفن ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) متحدا قومي موومينٽ پاڪستان جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته نون صوبن جي قيام لاءِ عوامي راءِ شماري ڪرائي ويندي. ڪراچي جي ضلعي وچ واري علائقي جي ذميوارن ۽ ڪارڪنن کي خطاب ڪند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال تقريب کي خطاب ڪندي

گڏاپ سٽي ٿاڻي ۾ 9 ڪروڙ روپين جي ڌاڙي جي ڪيس ۾ حراست هيٺ به جوابدار فرار ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) گڏاپ سٽي ٿاڻي ۾ 9 ڪروڙ روپين جي ڌاڙي جي ڪيس ۾ حراست هيٺ به جواب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

مشهور سنڌي لوڪ ڳائڻي شازيه خشڪ مذهب خاطر موسيقي جي دنيا کي الوداع چئي شرعي پردو اختيار ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) مشهور سنڌي لوڪ ڳائڻي شازيه خشڪ مذهب خاطر موسيقي جي دنيا کي الوداع چئي شرعي پردو اختيار ڪري ورتو آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

بحرين جي گهرو وزارت پاران شهرين کي محتياط رهڻ جي هدايت

ڪنهن به امڪاني خطري جي صورتحال بابت معلومات لاءِ صرف سرڪاري چينلن تي دارومدار ڪيو وڃي

خطري ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال ۽ سيڪيورٽي خدشن کي نظر ۾ رکندي جاري ڪيون ويون

منامه (م ر) بحرين جي گهر وزارت شهرين ۽ پرڏيهين کي محتياط رهڻ ۽ ضرورت پوڻ تي ويجهين محفوظ جاين ڏانهن منتقل ٿيڻ جي هدايت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ برداشت جو عالمي ڏينهن 16 نومبر تي ملهايو ويندو

برداشت جي اهميت ۽ عدم برداشت جي معاشري تي ٿيندڙ ناڪاري اثرن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ آهي

ان ڏينهن کي ملهائڻ جي منظوري گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي 16 نومبر 1996ع تي ڏني هئي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ برداشت جو عالمي ڏينهن 16 نومبر تي ملهايو ويندو. ان ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد معاشر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ياسين آباد ندي پرسان فائرنگ سان حيدرآباد جو رهواسي 38 ورهين جو شخص فوت

ڪراچي (رپورٽر) گلشن اقبال واري علائقي ياسين آباد ندي پرسان فائرنگ سان حيدرآباد جو ره/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

واٽر پمپ پل تي ٽرڪ جا مبينا طور بريڪ فيل ٿيڻ سبب ٽرڪ پنجن گاڏين سان ٽڪرائجي وئي

ڪراچي (رپورٽر) شهر جي علائقي واٽر پمپ پل تي ٽرڪ جا مبينا طور بريڪ فيل ٿيڻ سبب ب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي اٽلي جو سيڪريٽري جنرل ملاقات ڪندي

آزاد ڪشمير جي مٿانهين علائقن ۾ هڪ ڏينهن جي وقفي کان پوءِ ٻيهر برسات، برفباري

مٿانهين علائقن گريس، اڙنگ، ڪيل، شونٽهر ۽ سرگن ۾ برفباري پئي

ليپه وادي جي پهاڙي علائقن ۾ به برفباري رڪارڊ ڪئي وئي

مظفرآباد (م ر) آزاد ڪشمير جي مٿانهين علائقن ۾ هڪ ڏينهن جي وقفي کان پوءِ ٻيهر برسات ۽ برفباري جو سلسلو شروع ٿي ويو جنه/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

محمد يوسف ۽ ثناءَ مير پي سي بي هال آف فيم 2025 ۾ شامل، پي سي بي چيئرمين طرفان مبارڪباد

لاهور (م ر) محمد يوسف ۽ ثناءَ مير پي سي بي هال آف فيم 2025 ۾ شامل ڪيا ويا. ٻنهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

پنجاب ۾ ڪمند جي پيڙهائي اڄ کان شروع

هلندڙ سال جي پوکائي ۾ 16 سيڪڙو اضافو، نوٽيفڪيشن جاري

شوگر ملز ڪمند جو ريٽ مارڪيٽ فورسز ميڪنيزم جي تحت جاري ڪنديون

لاهور (م ر) پنجاب ۾ ڪمند جي پيڙهائي اڄ کان شروع ٿي وئي، انهي حوالي سان پنجاب حڪومت طرفان نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

فيس بڪ صارفين جون نجي تصويرون ۽ وڊيوز ٽائين پهچ تي ميٽا تي 887 ملين ڊنڊ لاڳو

اٽلي (م ر) اٽلي جي ڊيٽا پروٽيڪشن ريگوليٽر صارفين جي اجازت کان سواءِ انهن جي م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

پاڪستان ريلوي مسافرن جي سهولت لاءِ قراقرم ايڪسپريس ۽ پاڪ بزنس ايڪسپريس جا وقت تبديل

نئين شيڊول جو لاڳو 18 نومبر 2026 کان ٿيندو

جنهن تحت ٻنهي ٽرينن جي روانگي ۽ منزل تي پهچڻ جي وقتن ۾ تبديلي ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ريلوي مسافرن جي سهولت لاءِ قراقرم ايڪسپريس ۽ پاڪ بزنس ايڪسپريس جا وقت تبديل ڪري ڇڏيا آهن نئين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

لاهور: شاگرديائون مال روڊ تي لڳل ڪتاب اسٽال تي ڪتاب ڏسي رهيون آهن

ڪوهاٽ کان روزاني 90 ڪلو سون ڪڍي افغانستان اسمگل ڪيو ويندو آهي: ليگي اڳواڻ جي دعويٰ

وفاقي حڪومت صوبي ۾ قانوني مائننگ جي لاءِ جامع پاليسي تيار ڪري رهي آهي، غيرقانوني گولڊ مائننگ ۾ ملوث ڪنهن به شخص کي ڇوٽ نه ڏني ويندي

ڪجهه ماڻهو نئون خيبرپختونخواهه بڻائڻ جي دعويٰ ڪندا هئا، پر 15 سالن جي دوران صوبي جي وسيلن مان فائدو کڻڻ جي باوجود عوام جي لاءِ ڪجهه به نه ڪيو ويو

انهن وسيلن مان صوبي ۽ قومي ناڻي کي فائدو پهچائڻ جي بجاءِ غيرقانوني طريقي سان سون ڪڍيو پئي ويو

پشاور (م ر) وزيراعظم جي خيبرپختونخواهه جي معاملن بابت صلاحڪار اختيار ولي خان دعويٰ ڪئي آهي ته ڪوهاٽ ۾ وڏي پيماني تي غيرقانوني گولڊ مائننگ ذريعي روزانو تقريبن 90 ڪلو سون ڪڍيو ويندو آهي ۽ انهي جو 80 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

ڪنهن به سياسي وابستگي يا پارٽي جي فرق جي ڪا به گنجائش ناهي: ارسلان اسلام شيخ

ڪچي آبادين کي باقاعده بڻائڻ ۽ اتي رهندڙ شهرين کي شفاف ۽ منظم طريقيڪار تحت مالڪي جا حق فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ جامع ۽ مربوط عمل شروع ڪيو پيو وڃي

جنهن جو بنيادي مقصد انهن شهرين کي انهن جا جائز حق فراهم ڪرڻ آهي جيڪي سالن کان اتي رهي رهيا آهن ۽ انهن جي مسئلن جو مستقل حل يقيني بڻائڻ آهي

سکر اسان سڀني جو شهر آهي ۽ ان جي شهرين جي حقن جو تحفظ پڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي

ڪراچي / سکر (رپورٽر) ميئر سکر ۽ سنڌ حڪومت جا ترجمان بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو آهي ته چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت ۽ سنڌ موجب، سکر شهر جي سڀني ڪچي آبادين کي باقاعدا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

سومر 16 نومبر 2026ع بمطابق 05جمادي الثاني 1448ھ

مهانگائيءَ جو بار ۽ عوام کان ليوي وصولي

ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پيٽروليم ليوي جي مد ۾ ٽن مهينن اندر 381 ارب 82 ڪروڙ رپيا وصول ڪرڻ جو انڪشاف حڪومتي معاشي پاليسين ۽ عوام تي وڌندڙ مالي بار بابت ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن. هڪ طرف حڪومت آمدني وڌائڻ لاءِ پيٽروليم شين تي ليوي وصول ڪري رهي آهي ته ٻئي طرف عام ماڻهو مهانگائي، بيروزگاري، بجلي ۽ گئس جي ڳرن بلن، تعليمي خرچن ۽ روزمره جي ضرورتن جي وڌندڙ قيمتن سبب سخت پريشان آهي. سرڪاري دستاويزن جي حوالي سان سامهون آيل انگن اکرن موجب هلندڙ مالي سال 2026 ع جي پهرين ٽه ماهي، يعني جولاءِ کان سيپٽمبر تائين، پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 381.82 ارب رپيا گڏ ڪيا ويا، جڏهن ته گذريل سال جي ڀيٽ ۾ وصولي ۾ 10.21 ارب رپين جو اضافو ٿيو آهي. اهو انگ رڳو سرڪاري آمدنيءَ جو انگ نه آهي، پر ان ڳالهه جي به نشاندهي ڪري ٿو ته پيٽروليم شين جي استعمال ڪندڙ عوام تي ڪيترو وڏو مالي بار پئجي رهيو آهي. سوال اهو آهي ته جڏهن ملڪ ۾ مهانگائيءَ سبب ماڻهن جي خريداريءَ جي سگهه گهٽجي رهي آهي، پگهاردار طبقو پنهنجي محدود آمدنيءَ ۾ گهر جو خرچ پورو ڪرڻ کان قاصر آهي ۽ پورهيت طبقو ٻن ويلن جي مانيءَ لاءِ پريشان آهي ته اهڙي صورتحال ۾ عوام کان وڌيڪ رقم وصول ڪرڻ بدران ان جي معاشي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا پيا وڃن؟

حڪومت لاءِ پيٽروليم ليوي آمدنيءَ جو اهم ذريعو ٿي سگهي ٿي، پر ان جي وصوليءَ جو سڌو يا اڻ سڌو اثر ملڪ جي سموري معاشي نظام تي پوي ٿو. پيٽرول ۽ ڊيزل جون قيمتون رڳو گاڏين جي مالڪن جو مسئلو ناهن. پر ٽرانسپورٽ، زراعت، صنعت، واپار ۽ عام استعمال جي شين جي پيداوار ۽ پهچائڻ جا خرچ به انهن سان لاڳاپيل آهن. جڏهن تيل مهانگو ٿئي ٿو ته مال برداريءَ جا خرچ وڌن ٿا، جنهن جو اثر ڀاڄين، ميون، اٽي، چانورن، کير، گوشت ۽ ٻين کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن تي پوي ٿو. اهڙيءَ طرح پيٽروليم ليوي سميت تيل جي قيمتن ۾ اضافو آخرڪار عام صارف جي کيسي تي بار بڻجي ٿو. ان ڪري حڪومت کي رڳو پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي يا واڌ جو اعلان ڪرڻ بدران ان جا اثر سڄي معاشي نظام ۾ نظر اچڻ کي به يقيني بڻائڻو پوندو.

هاڻي جڏهن عالمي منڊي ۽ ملڪي حالتن موجب پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي ته ان جو فائدو عام ماڻهن تائين پهچائڻ حڪومت، صوبائي انتظاميا، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن جي گڏيل ذميواري بڻجي ٿو. افسوس جو اسان وٽ تيل جا اگهه گهٽجڻ باوجود ٽرانسپورٽ جا ڪرايا ساڳيا برقرار رهن ٿا، جڏهن ته مارڪيٽن ۾ عام استعمال جي شين جا اگهه به گهٽجڻ بدران اڳوڻين قيمتن تي وڪرو ٿين ٿا. ٽرانسپورٽر تيل مهانگو ٿيڻ تي فوري طور ڪرايا وڌائين ٿا، پر تيل سستو ٿيڻ باوجود مسافرن کي رليف ڏيڻ لاءِ تيار نٿا ٿين. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت کي رڳو بيانن ۽ اعلانن تائين محدود رهڻ بدران ضلعي ۽ شهري سطح تي باقاعده نگرانيءَ جو نظام قائم ڪرڻ گهرجي، جيئن پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائيءَ جو فائدو عوام تائين پهچي سگهي.

ملڪ جي وڏن شهرن کان وٺي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن تائين پبلڪ ٽرانسپورٽ جا ڪرايا تيل جي قيمتن سان ڳنڍيل آهن. بسون، وينون، ڪوچون، رڪشا ۽ مال بردار گاڏيون عوام جي روزاني زندگيءَ جو حصو آهن. شاگرد، مزدور، ملازم، ننڍا واپاري ۽ گهٽ آمدنيءَ وارا ماڻهو روزانو سفر لاءِ پنهنجي آمدنيءَ جو وڏو حصو خرچ ڪن ٿا. ان ڪري تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪانپوءِ ٽرانسپورٽ جا ڪرايا به مناسب حد تائين گهٽائڻ لاءِ صوبائي ۽ ضلعي انتظاميا کي فوري طور نوان سرڪاري اگهه مقرر ڪري انهن تي عمل ڪرائڻ گهرجي. رڳو ڀاڙن جي فهرست جاري ڪرڻ ڪافي ناهي، پر عملي طور ان تي عمل ڪرائڻ ۽ مسافرن کان مقرر ڪراين کان وڌيڪ رقم وصول ڪندڙن خلاف ڪارروائي پڻ ضروري آهي.

ساڳئي ريت کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن ۾ به تيل جي اگهن ۾ گهٽتائيءَ جو اثر ظاهر ٿيڻ گهرجي. اٽي، مان تيار ٿيندڙ ماني ۽ نان، سبزين، ميون، کير، ڏهي، گيهه، کنڊ ۽ ٻين بنيادي شين جا اگهه عام ماڻهوءَ جي پهچ ۾ آڻڻ حڪومت جي اولين ترجيح هجڻ گهرجي. اڄ به ڪيترن ئي علائقن ۾ ماني ۽ نان جا اگهه وڌيل آهن، جڏهن ته پورهيت ۽ غريب خاندانن لاءِ روزاني خوراڪ جو بندوبست ڪرڻ به ڏکيو ٿيندو پيو وڃي. حڪومت کي ضلعي انتظاميا، پرائس ڪنٽرول ڪميٽين ۽ خوراڪ کاتي کي متحرڪ ڪري دڪاندارن، هوٽلن، تندورن ۽ هول سيل مارڪيٽن ۾ اگهن جي نگراني ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائيءَ جو فائدو واپارين ۽ ٽرانسپورٽرن تائين ته پهچي ٿو، پر صارف تائين نٿو پهچي ته اهڙي گهٽتائيءَ جو عام ماڻهوءَ لاءِ ڪو عملي فائدو باقي نٿو رهي.

تعليم جو شعبو پڻ مهانگائيءَ جي اثرن کان محفوظ ناهي. يونيورسٽين، ڪاليجن، اسڪولن ۽ تعليمي بورڊن ۾ داخلائن، امتحانن، ٽيوشن ۽ ٻين مدن ۾ وڌايل فيسن سبب شاگردن ۽ سندن والدين لاءِ تعليم جاري رکڻ ڏکيو بڻجي ويو آهي. سنڌ سميت ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ڪيترائي خاندان پنهنجي ٻارن جي تعليمي خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ قرض کڻڻ تي مجبور آهن. سرڪاري تعليمي ادارن ۾ به مختلف مدن ۾ وصول ٿيندڙ فيسن ۽ خرچن جو بار گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن لاءِ وڏو مسئلو بڻيل آهي. حڪومت کي تعليمي ادارن ۽ بورڊن جي فيسن جو جائزو وٺي غيرضروري اضافا واپس وٺڻ گهرجن، جڏهن ته نجي تعليمي ادارن کي به قانوني ضابطن جو پابند بڻائي والدين تي هر سال ٿيندڙ اضافي مالي بار کي روڪڻ گهرجي. تعليم کي ڪاروبار بدران بنيادي انساني حق ۽ قومي ذميواري سمجهڻ جي ضرورت آهي.

ان ڪانسواءِ بجلي ۽ گئس جا بل به عام ماڻهن جي آمدنيءَ جو وڏو حصو کسي رهيا آهن. هڪ پاسي پيٽروليم ليوي ذريعي اربين رپيا گڏ ڪيا وڃن ٿا ته ٻئي پاسي بجليءَ جي بلن ۾ مختلف سرچارجز، ٽيڪسن ۽ ٻين مدن سبب صارفين لاءِ بل ادا ڪرڻ مشڪل بڻيل آهن. ننڍا دڪاندار، ڪاروباري ماڻهو ۽ صنعتون به توانائيءَ جي وڌندڙ خرچن سبب پريشان آهن. جيڪڏهن حڪومت واقعي معاشي بحاليءَ ۽ عوام کي رليف ڏيڻ چاهي ٿي ته ان کي پيٽروليم ليوي، بجلي ۽ گئس جي اگهن سميت سمورن شعبن ۾ عوامي مفادن کي نظر ۾ رکندي پاليسي جوڙڻي پوندي. سرڪاري آمدني وڌائڻ سان گڏ عوام جي آمدني ۽ خريداريءَ جي سگهه ۾ اضافو ڪرڻ ڪانسواءِ معاشي ترقيءَ جا دعوا عام ماڻهن جي زندگيءَ ۾ تبديلي نٿا آڻي سگهن.

اصل مسئلو اهو آهي ته حڪومت عوام کان ٽيڪس ۽ ليوي وصول ڪرڻ وقت ته مڪمل طور سرگرم نظر اچي ٿي، پر عوام کي سهولتون ڏيڻ، مهانگائيءَ تي ضابطو آڻڻ ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ وقت اها ذميواري لاڳاپيل کاتن ۽ حالتن تي وجهي ڇڏي ٿي. پيٽروليم ليوي مان حاصل ٿيندڙ اربين رپين جي آمدنيءَ بابت عوام کي اهو ڄاڻڻ جو حق آهي ته اها رقم ڪهڙن ترقياتي منصوبن، عوامي سهولتن ۽ معاشي بهتريءَ جي ڪمن تي خرچ ڪئي پئي وڃي. سرڪاري آمدنيءَ ۾ واڌ تڏهن ئي عوام لاءِ فائديمند ٿي سگهي ٿي، جڏهن ان جو اثر صحت، تعليم، ٽرانسپورٽ، روزگار ۽ بنيادي سهولتن جي فراهميءَ ۾ به نظر اچي. حڪومت کي آمدني ۽ خرچن ۾ شفافيت پيدا ڪرڻ سان گڏ عوام آڏو جوابده به هجڻ گهرجي.

حڪومت کي هاڻي روايتي اعلانن، عارضي سبسڊين ۽ انگن اکرن جي راند کان ٻاهر نڪري عملي قدم کڻڻا پوندا. تيل جي اگهن ۾ گهٽتائيءَ کانپوءِ ٽرانسپورٽ جا ڪرايا گهٽائڻ، ماني ۽ نان سستي اگهه تي فراهم ڪرڻ، عام استعمال جي شين جون قيمتون گهٽائڻ، يونيورسٽين، ڪاليجن، اسڪولن ۽ تعليمي بورڊن ۾ وڌايل فيسون واپس وٺڻ ۽ بجلي توڙي گئس جي بلن ۾ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ واضح پاليسي جوڙڻ گهرجي. هر ضلعي ۾ انتظاميا کي ذميوار بڻائي هفتيوار بنيادن تي اگهن جي نگراني ۽ حڪومتي فيصلن تي عملدرآمد جي رپورٽ جاري ڪرڻ گهرجي، جيئن عوام کي خبر پوي ته رليف جا اعلان ڪاغذن تائين محدود آهن يا واقعي ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ڪا بهتري آئي آهي.

ملڪ جي معاشي استحڪام جو بنياد عام ماڻهوءَ جي خوشحالي آهي. جيڪڏهن حڪومت جا خزانا ڀرجندا رهن، پر عوام جا گهر خالي ٿيندا وڃن، جيڪڏهن سرڪاري آمدني وڌندي رهي، پر پورهيت جي پگهار ساڳي رهي ۽ جيڪڏهن تيل سستو ٿيڻ باوجود ماني، نان، ٽرانسپورٽ ۽ روزمره جون شيون مهانگيون ئي رهن ته اهڙي معاشي پاليسيءَ جا ثمر عام ماڻهوءَ تائين نه پهچندا. حڪمرانن کي سمجهڻو پوندو ته عوام رڳو انگن اکرن، معاشي سڌارن جي دعوائن ۽ مستقبل جي اميدن سان پنهنجو پيٽ نٿو ڀري سگهي. کيس اڄ سستي ماني، مناسب ڪرايا، گهٽ تعليمي خرچ، سستي بجلي، گئس ۽ روزمره جي شين جي مناسب قيمتن جي ضرورت آهي. حڪومت لاءِ وقت اچي ويو آهي ته پيٽروليم ليوي مان گڏ ٿيندڙ اربين رپين جي آمدنيءَ سان گڏ عوام کي به ان جو حقيقي حصو ڏئي، ڇاڪاڻ ته رياست جي معاشي پاليسين جي ڪاميابيءَ جو اصل معيار خزاني ۾ گڏ ٿيندڙ رقم نه، پر عوام جي زندگيءَ ۾ ايندڙ آساني ۽ خوشحالي آهي.

28هين آئيني ترميم جو طوفان، صدر زرداري جي سياسي ملاقاتن جا مقصد ڪهڙا آهن؟

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان جي سياست ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر آئيني تبديلين جي بحث نئين هلچل پيدا ڪري ڇڏي آهي. اسلام آباد جي سياسي ايوانن ۾ 28هين آئيني ترميم، نون صوبن جي قيام، انتظامي ڍانچي ۾ تبديلي ۽ سياسي ناهه جهڙا معاملا بحث هيٺ آهن. اهڙي ماحول ۾ صدر مملڪت آصف علي زرداري، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وفاقي حڪومت جي اهم شخصيتن جي سياسي سرگرمين هن بحث کي وڌيڪ اهم بڻائي ڇڏيو آهي.

گذريل ڪجهه ڏينهن دوران ملڪ جي سياست ۾ جيڪي سرگرميون ڏسڻ ۾ آيون آهن، تن مان ظاهر ٿئي ٿو ته آئيني معاملا هاڻي رڳو پارليامينٽ جي بحث تائين محدود ناهن رهيا، پر حڪومت ۽ اتحادي جماعتن وچ ۾ صلاح مشوري جو اهم موضوع بڻجي چڪا آهن. تنهن هوندي به اهو سمجهڻ ضروري آهي ته سياسي ملاقاتن ۽ ميڊيا ۾ سامهون ايندڙ اندازن کي حتمي فيصلن يا ڪنهن طئي ٿيل منصوبي طور پيش نٿو ڪري سگهجي.

13 نومبر تي صدر آصف علي زرداري ۽ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي وچ ۾ نوابشاهه ۾ ملاقات ٿي. ان ملاقات کان پوءِ ڪجهه ميڊيا ادارن ۾ خبرون سامهون آيون ته نون صوبن ۽ 28هين آئيني ترميم جي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي. پر ايوان صدر انهن خبرن جي ترديد ڪندي واضح ڪيو ته ملاقات ۾ قومي سلامتي ۽ علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جڏهن ته نون صوبن جي قيام وارو معاملو بحث هيٺ نه آيو. اها وضاحت ان ڪري به اهم آهي، جو ملڪ جي سياست ۾ ڪنهن به وڏي آئيني تبديلي بابت اڻپورين خبرن سان عوامي خدشن ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو.

ٻئي طرف 14 نومبر تي صدر زرداري لاهور پهتا، جڏهن ته بلاول ڀٽو زرداري اسلام آباد ۾ سياسي ۽ حڪومتي قيادت سان صلاح مشوري لاءِ موجود آهن. ميڊيا جي خبرن موجب پارليامينٽ ۾ پيش ٿيندڙ نون بلن، پيپلز پارٽيءَ جي خدشن ۽ مستقبل جي سياسي حڪمت عمليءَ بابت صلاح مشوري جا امڪان آهن. انهن سرگرمين هڪ ڀيرو ٻيهر اهو سوال پيدا ڪري ڇڏيو آهي ته ايندڙ ڏينهن ۾ حڪومت ۽ اتحادي جماعتن وچ ۾ آئيني معاملن تي ڪهڙي قسم جو اتفاق راءِ سامهون اچي ٿو.

28هين آئيني ترميم بابت هڪ اهم حقيقت اها به آهي ته قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته تجويز ڪيل ترميم جو مسودو اڃا تائين کيس موصول ناهي ٿيو. سندس ان بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته گهٽ ۾ گهٽ پارلياماني سطح تي ترميم جو باقاعده مسودو سامهون اچڻ کان اڳ ان جي حتمي شڪلن بابت ڪو فيصلاڪن رايو قائم ڪرڻ درست نه ٿيندو.

هن سموري صورتحال ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت نون صوبن واري معاملي کي حاصل آهي. بچاءَ واري وفاقي وزير خواجا آصف طرفان ملڪ ۾ وڌيڪ صوبن جي قيام جو تصور سامهون آندو ويو، جڏهن ته گهرو وزير محسن نقوي ان معاملي تي عوامي راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ ريفرنڊم ڪرائڻ جي تجويز پڻ ڏني. ٻئي طرف پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو موقف آهي ته نون صوبن جهڙي اهم معاملي تي فيصلا ڪنهن تقريب يا غير رسمي بيان ذريعي نه، پر پارليامينٽ ۾ بحث ۽ آئيني طريقيڪار تحت ٿيڻ گهرجن.

هتي هڪ بنيادي سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا پاڪستان جي مسئلن جو حل رڳو نوان صوبا ناهڻ ۾ لڪل آهي؟ يقيناً انتظامي سڌارن تي بحث ٿيڻ گهرجي، پر ڪنهن به ملڪ جو انتظامي نقشو تبديل ڪرڻ کان اڳ اهو ڏسڻ ضروري آهي ته عوام کي صحت، تعليم، روزگار، انصاف، صاف پاڻي ۽ بنيادي سهولتون ميسر آهن يا نه. جيڪڏهن موجوده صوبن ۾ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم نٿيون ٿين ته رڳو نوان نالا ۽ نيون حدون قائم ڪرڻ سان عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ پائيدار تبديلي نه ايندي. پاڪستان جو آئين صوبن جي حدن ۾ تبديليءَ لاءِ واضح طريقو فراهم ڪري ٿو. آرٽيڪل 239 جي شق 4 موجب ڪنهن به صوبي جون حدون تبديل ڪندڙ آئيني ترميم لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جي ٻن ٽين اڪثريت سان منظوري ضروري آهي. تنهن ڪري رڳو ريفرنڊم جي تجويز يا سياسي اعلان آئيني گهرجن جو متبادل نٿو بڻجي سگهي. هن معاملي ۾ پارليامينٽ، صوبائي اسيمبلين ۽ عوامي نمائندن جو ڪردار بنيادي اهميت رکي ٿو.

خاص طور سنڌ جي حوالي سان هي بحث وڌيڪ حساس آهي. سنڌ هڪ تاريخي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي سڃاڻپ رکندڙ صوبو آهي. ان جي وحدت، وسيلن ۽ خودمختياريءَ جا معاملا هميشه عوامي جذبن سان ڳنڍيل رهيا آهن. سنڌ جا ماڻهو اها اميد رکن ٿا ته سندن صوبي بابت ڪنهن به آئيني يا انتظامي فيصلي ۾ چونڊيل اسيمبلي ۽ عوامي نمائندگيءَ کي مرڪزي حيثيت ڏني ويندي. ڪنهن به نئين انتظامي تجويز تي بحث ڪندي ان حقيقت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. پيپلز پارٽيءَ لاءِ به هي معاملو سياسي طور اهميت رکي ٿو. هڪ طرف پارٽي وفاقي حڪومت جي اتحادي آهي، ته ٻئي طرف سنڌ ۾ ان جي حڪومت ۽ صوبائي حقن بابت ان جو پنهنجو سياسي موقف موجود آهي. اهڙي صورتحال ۾ صدر آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري لاءِ ضروري هوندو ته هو وفاقي سطح تي سياسي سهڪار ۽ سنڌ جي عوام جي آئيني حقن وچ ۾ واضح موقف برقرار رکن. سياسي ناهه جو مطلب اهو هرگز نه هجڻ گهرجي ته عوامي مفادن ۽ صوبائي حقن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو وڃي.

اهو به ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان اڳ ئي معاشي دٻاءَ، مهانگائي، بيروزگاري، توانائيءَ جي مسئلن ۽ امن امان جي چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙين حالتن ۾ آئيني تبديلين جو ڪو به منصوبو عوامي مسئلن جي حل کان الڳ نه هجڻ گهرجي. جيڪڏهن حڪومت واقعي سياسي نظام کي بهتر بڻائڻ چاهي ٿي ته ان کي سڀ کان پهرين عوام کي اعتماد ۾ وٺڻو پوندو. هر وڏي تبديليءَ جو بنياد شفافيت، مشاورت ۽ آئين جي بالادستي هجڻ گهرجي.

ملڪ ۾ سياسي استحڪام لاءِ حڪومت ۽ مخالف ڌرين وچ ۾ ڳالهه ٻولهه پڻ ضروري آهي. اختلاف راءِ جمهوريت جو حصو آهي، پر اختلافن کي مستقل سياسي محاذ آرائيءَ ۾ تبديل ڪرڻ قومي مفاد ۾ ناهي. جيڪڏهن حڪومت وٽ 28هين آئيني ترميم يا انتظامي سڌارن جو ڪو واضح منصوبو آهي ته اهو پارليامينٽ آڏو پيش ڪيو وڃي، ان جي فائدن ۽ نقصانن تي کليل بحث ٿئي ۽ سمورن صوبن کي برابر نمائندگي ڏني وڃي.

صدر آصف علي زرداري جو سياسي تجربو ۽ اتحادي سياست ۾ سندس ڪردار کيس هن بحث ۾ هڪ اهم آئيني ۽ سياسي شخصيت بڻائين ٿا. تنهن هوندي به اصل ڪاميابي ڪنهن سياسي ملاقات، بيان يا وقتي ناهه ۾ نه، پر اهڙي فيصلي ۾ هوندي، جنهن کي سمورين لاڳاپيل سياسي ڌرين آئيني ۽ جمهوري طريقي سان قبول ڪن.

پاڪستان کي هن وقت ڪنهن نئين سياسي تڪرار کان وڌيڪ سنجيده قومي ڳالهه ٻولهه جي ضرورت آهي. 28هين آئيني ترميم هجي، نون صوبن جو معاملو هجي يا انتظامي سڌارا، انهن سڀني جو مقصد عوام جي زندگي بهتر بڻائڻ هجڻ گهرجي. آئين ڪنهن هڪ جماعت، حڪومت يا سياسي شخصيت جي ملڪيت ناهي، پر سڄي پاڪستان جي عوام جو گڏيل ناهه آهي. ايندڙ ڏينهن ۾ اها ڳالهه واضح ٿي ويندي ته 28هين آئيني ترميم بابت بحث ڪنهن باقاعده پارلياماني منصوبي جي صورت اختيار ڪري ٿو يا في الحال سياسي تجويزن ۽ صلاح مشورن تائين محدود رهي ٿو. پر هڪ ڳالهه واضح آهي ته پاڪستان جو مستقبل اهڙن فيصلن سان جڙيل آهي، جيڪي سياسي مفادن کان مٿانهان ٿي قومي اتفاق راءِ، آئين جي بالادستي ۽ عوامي حقن کي مضبوط بڻائين.

قبرستانن تي قبضاخوري ۽ انسانيت جي موت جو نوحو

تحرير: اعظم ڀٽي

تنڊو محمد خان جي قبرستانن ۾ قبرن جي بيحرمتي ۽ قبضاخوري جي تاريخ تمام گهڻي پراڻي آهي، پر ان تاريخ کي منفي انداز ۾ وڌي چڙهي طوالت ڏيڻ جو سلسلو ڏينهون ڏينهن اهڙي ته تيزي سان وڌي رهيو آهي، جو هاڻ اهو رڳو هڪ شهر جو مسئلو نه رهيو آهي پر اهو سموري سماج جي ضمير جو مسئلو بڻجي ويو آهي. قبرستانن کي چوديواريون ڏياري، انهن جي حفاظت ڪرڻ بابت سنڌ هاءِ ڪورٽ جو واضح فيصلو موجود آهي. پر عدالتي فيصلي جي باوجود به انتظامي طور انهن حرڪتن کي روڪڻ لاءِ اڄ ڏينهن تائين ڪا به سنجيده ڪوشش نه ٿي آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي ته زنده انسان ته نهيو، پر مئل ۽ انهن مئلن جون آخري آرامگاهون به محفوظ ناهن رهيون. انسانيت جو هي ڪهڙو نه عجيب تماشو آهي جو جتي زنده انسان کي ته مختلف استحصالي طريقن سان مارجي ٿو پر مئل کي به آرام سان سمهڻ نه ٿو ڏنو وڃي. جتي قبر به وڪامجي ٿي، ۽ لحد به واپار بڻجي وڃي ٿي.

افسوس جو مقام آهي ته تنڊي محمد خان شهر جي پراڻي بس اسٽاپ لڳ قديم قبرستان کي چئني پاسن کان قبضا مافيا گهيري ورتو آهي. ٻن مکيه پاسن کان سوين قبرون ڊاهي پٽ ڪري، زمين هموار ڪري، ان تي قبضا ڪري، ۽ پوءِ اهو قبضو وڪرو ڪرڻ کي باقاعده ڪاروبار بڻايو ويو آهي. هڪ طرف کان سوين قبرون ڊاهي، مٿن ڪوڙا قبا اڏائي، عجيب قسم جون محفلون سجائي، عقيدي جي آڙ ۾ ڏنڊو جاري آهي. اهو عقيدو، جيڪو انسان کي معبود سان ملاقات جو ذريعو سمجهيو وڃي ٿو ان کي هتي زمين هڙپ ڪرڻ جو هٿيار بڻائي، ڪاروبار بڻايو ويو آهي. ٻئي طرف ان ئي قبرستان جي پوئين پاسي کان وري الڳ طريقي سان قبرون ڊاهي پٽ ڪري، زمين هموار ڪري، قبضا مافيا پاران اهي قبضا وڏي رقم عيوض غير قانوني طريقي سان وڪرو ڪرڻ جو ڪاروبار به سالن کان جاري ۽ ساري آهي. يعني هڪ ئي قبرستان تي ڪيترائي ڏنڊا هلي رهيا آهن. هڪ عقيدي جي نالي تي، ٻيو پئسي جي زور تي، ٽيون داداگيريءَ ۽ ديده دليريءَ سان! ۽ انهن سمورن هٿڪنڊن جو شڪار هڪ ئي آهي، يعني اسانجي وڏڙن جون قبرون ۽ مئل جي بيحرمتي. گذريل ڪيترن ئي سالن کان اهڙي قسم جي افسوسناڪ حرڪتن تي هتان جي مقامي ساڄاهه وندن، اديبن ۽ شهرين پاران بار بار آواز بلند ڪيو ويو آهي. اخبارن ۾ ڪالم لکيا ويا، سوشل ميڊيا وسيلي احتجاج ڪيا ويا. پر ڪنهن به قسم جي روڪٿام لاءِ ڪي به اپاءُ عمل ۾ نه اچي سگهيا. هاڻ هڪ دفعو ٻيهر ساڳيون سرگرميون وري ديده دليري سان شروع ڪيون ويون آهن. ۽ ان کان وڌيڪ ڏک جي ڳالهه هي آهي ته اوقاف کاتو، مقامي انتظاميا ۽ هتان جا چونڊيل نمائنده مڪمل طور نه رڳو خاموش آهن، پر ان قسم جي سرگرمين کي گرمجوشيءَ سان هٿي وٺرائڻ واري عمل ۾ سڌي ۽ اڻسڌي ريت شريڪ آهن. مجرماڻي خاموشي به هڪ قسم جي شراڪت آهي. جڏهن محافظ ئي خاموش ٿي وڃن، تڏهن قبضا مافيا کي کلي ڇوٽ ملي ويندي آهي. ماضي جي غلطي، حال جو جواز، خطرناڪ مستقبل جو بنياد بنجي ويندي آهي. سماج دشمن عناصر ذاتي ۽ گروهي مفادن خاطر هاڻ به ماضي جي غلطين کي جواز بڻائي، هلندڙ وقت جي حرڪتن تي پردو پوشي ڪندي، ان عمل کي هٿي وٺرائڻ ۾ ڪا به ڪسر نه پيا ڇڏين. انهن جو دليل اهو آهي ته "اڳ به ائين ٿيندو آيو آهي." پر ڇا ماضي جي غلطي حال جي غلطي جو جواز ٿي سگهي ٿي؟ ڇا جيڪڏهن اڳ ڪنهن قبرون ڊاهي پٽ ڪيون هيون ته اڄ به قبرون ڊاهڻ قبضا ڪري، اهي قبضا وڪرو ڪرڻ جائز ۽ قانوني عمل آهي؟ هي ڪو تمثيلي منطق ناهي، هي مجرماڻي ذهنيت آهي. هي رڳو قبرن جو مسئلو ناهي. پنهنجي وڏڙن جي سڃاڻپ کي مٽائڻ ۽ انهن جي قبرن تان هٿ کڻائڻ جهڙو گناهه آهي. گذريل ڏينهن تنڊو محمد خان شهر جي پراڻي بس اسٽاپ لڳ ان ساڳئي قديم قبرستان سان جيڪا ٻيهر هٿ چراند ٿي آهي، اها حرڪت نه رڳو بيحرمتي جي خطرناڪ علامت آهي، پر ان قسم جي مسلسل سرگرمين سبب شهر جو پرامن ماحول ڪا خطرناڪ وڄ بڻجي سگهي ٿو. قبرستان رڳو مٽي جو ڍير ناهن هوندا، اهي ماڻهن، سماجن، شهرن جي تاريخ به هوندا آهن. اسان جي وڏڙن جي سڃاڻپ سان گڏ اهي قبرون اسان جي تهذيب جو مجموعي آئينو به آهن. جيڪو طبقو يا قوم پنهنجي مئلن جو احترام نه ڪري، اها پنهنجي زنده ضمير جو احترام ۽ ثبوت وري ڪهڙو پيش ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهندي. اڄ جيڪڏهن قبرون محفوظ ناهن، ته سڀاڻي گهر به محفوظ نه هوندا، مسجدون ۽ مندر به محفوظ نه هوندا، اسڪول ۽ اسپتالون به محفوظ نه هونديون. قبضاخوري جي هي باهه اڄ قبرستان کي ساڙي رهي آهي، سڀاڻي سڄي سماج کي ساڙي رک ڪري ڇڏيندي. انڪري اختيار ڌڻين، مقامي انتظاميا ۽ اوقاف کاتي کي گهرجي ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جو احترام ڪندي قبرستانن کي محفوظ بڻائي، انهن کي چوديواريون ڏياري، محفوظ ۽ مضبوط بڻائي، انهن قبرستانن کي غيرقانوني، غيرانساني، غيراخلاقي قبضن کان پاڪ ڪيو وڃي. قبرن کي مسمار ڪرڻ، قبضا ڪرڻ ۽ انهن غير قانوني قبضن کي وحشياڻي حوس جيان وڪرو ڪرڻ ۾ ملوث ماڻهن کي وائکو ڪري، انهن خلاف سخت کان سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، چاهي اهي ڪيترا به بااثر ۽ طاقتور ڇو نه هجن. تنڊو محمد خان شهر جي پراڻي بس اسٽاپ لڳ قديم قبرستان جي تحفظ لاءِ مستقل بنيادن تي مضبوط ۽ شفاف انتظام ڪيا وڃن، جيئن آئينده ڪو به رات جي اونداهي ۾ مئلن جي آرامگاهن ۾ ذاتي ۽ گروهي لالچ ۽ حوس جون ميريون اکيون نه وجهي سگهي. جيڪي چونڊيل يا چونڊايل نمائنده ووٽ وٺي، اکيون پوري خاموش ۽ لاتعلق وينا آهن، يا جيڪڏهن سهولتڪار بڻيل آهن، انهن کان پڇاڻو ڪرڻ گهرجي ته اوهان جي شهر ۾ مئل به محفوظ ناهن، ته زنده ماڻهن جي ڪهڙي حالت هوندي؟ ان صورت ۾ جيڪڏهن اسان پنهنجي مئلن جون قبرون نه بچائي سگهيون ته اسان پنهنجي ٻارن جو مستقبل ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت بچائي سگهنداسين؟ ٻي اهم ڳالهه ته قبرون بچائڻ رڳو اوقاف کاتي ۽ مقامي انتظاميه جو ڪم به ناهي، اهو هر زنده ضمير فرد جو به فرض آهي. اڄ به جيڪڏهن اسان خاموش رهياسين، ته تاريخ اسان کي به انهن قبضا خورن ۾ ئي ڳڻيندي، جيڪي مئلن کي به ناهن بخشيندا. خدارا! مئلن کي ته معاف ڪريو، قبرن کي ته ڇڏيو، ڇو ته جيڪو قبرون ۽ قبرستان به وڪڻي ٿو، اهو پنهنجي ضمير کي به وڪڻي ٿو، ته پوءِ اهو زنده ضميري جا ڪهڙا نعرا هڻندو.......!؟ آڪاش انصاري جي هي ميار اسان سڀني لاءِ هڪ سبق ۽ سوچڻ جو لمحو آهي: ديس پنهنجي مان ڌاريا ٿي ڌڪجي وڃون، پنهنجي مٽيءَ جي خوشبوءِ لئه سڪجي وڃون، يا فلسطينين جيئن ڦرجي وڃون، شل انهيءَ کان اڳي ڪاش وڙهندي مرون! پنهنجي ڏاڏاڻي قبرن مٿان هٿ کڻون، پنهنجي وڏڙن ي هڏڙن مٿان هٿ کڻون،

يا پٽائي جي سڌڙن مٿان هٿ کڻون! پنهنجي تاريخ جي منهن تي ڪارنهن مليون،
شل انهيءَ کان اڳي ڪاش وڙهندي مرون! ڪيئن ڪارونجهر ۽ ڪاڇي مٿان هٿ کڻون،
ڪيئن ڪينجهر ڪراچيءَ مٿان هٿ کڻون، پنهنجي نوري تماچي مٿان هٿ کڻون،
۽ وڏيرن جيان سنڌ وڪڻي ڇڏيون!!؟ شل انهيءَ کان اڳي ڪاش وڙهندي مرون!
پنهنجا ايندڙ نسل دربدر ٿي رُلن،
ذلتن ساڻ ڪيمپن ۾ پلبا رهن،
پنهنجي وڏڙن تي لعنت ملامت وجهن،
مارئي جي وطن جا مياري ٿيون؟!
شل انهيءَ کان اڳي ڪاش وڙهندي مرون!!
(آڪاش انصاري)

بقايا *** 01

ميڊيا لاءِ فسليٽيشن سينٽر قائم ڪيو ويو آهي. فسليٽيشن سينٽر اي سي او ڪانفرنس جي سرگرمين جا تفصيل ميڊيا سان شيئر ڪيا ويندا. شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل احمد سعيد مراد زاده ۽ جمهوريه ترڪيه جي نائب پرڏيهي ۽ ترڪ وفد جي سربراهه موسيٰ ڪلاڪلي ڪايا 30هين اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) پرڏيهي وزيرن جي اجلاس ۾ شرڪت جي لاءِ اسلام آباد پهچي ويا آهن. پرڏيهي وزارت موجب اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پرڏيهي وزارت جي آفيسرن انهن جو استقبال ڪيو. ايران جو پرڏيهي وزير عباس عراقچي اجلاس ۾ خصوصي طور تي شريڪ ٿيندو. افغان پرڏيهي وزير کي اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت ناهي ڏني وئي. اجلاس ۾ علائقائي واپار کي هٿي، ٽرانسپورٽ ۽ توانائيءَ جي شعبن ۾ تعاون ۽ وچ ايشيا کي عالمي منڊين سان جوڙڻ جي امڪانن تي ڳالهيون ڪيون وينديون.

بقايا *** 02

۾ روس کي شامل ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي، جنهن تي ڪيترن ئي يورپي ملڪن ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي. فرانسيسي اخبار موجب، ابوظهبي ۾ آمريڪا، روس ۽ يوڪرين وچ ۾ ٿيل ڳالهين دوران يورپ جي مستقبل جي سلامتيءَ واري نظام تي به ويچار ونڊيا ويا. رپورٽ موجب، روسي ڳالهين واري وفد جي سربراهه آمريڪي تجويز کي ماسڪو لاءِ هاڪاري اڳڀرائي قرار ڏنو جڏهن ته روس جي پرڏيهي وزارت به يورپي ملڪن کي نون بچاءَ وارن ناهن جي آڇ ڪئي. تنهن هوندي به ابوظهبي ۾ ٿيل ڳالهين دوران يورپ جي نئين بچاءَ واري نظام بابت ڪو به پڪو ناهه نه ٿي سگهيو. يورپي يونين جي پرڏيهي پاليسيءَ واري سربراهه ڪايا ڪلاس آمريڪي تجويز تي ردعمل ڏيندي چيو ته يورپ وٽ اڳ ئي پنهنجو سلامتيءَ وارو نظام موجود آهي، اصل مسئلو اهو آهي ته روس ناهن جي پاسداري نٿو ڪري. جرمنيءَ جي پرڏيهي وزير به ماسڪو تي زور ڀريو آهي ته اهو اڳوڻن عالمي ناهن ۽ ذميوارين جو احترام ڪري. ٻئي پاسي، 13 نومبر تي ڊبلن ۾ لڳ ڀڳ 40 يورپي ملڪن جي اڳواڻن چتو ڪيو ته يورپ جي مستقبل ۽ سلامتيءَ بابت فيصلا يورپي ملڪن جي شرڪت ڪانسواءِ نٿا ڪري سگهجن. يورپي ملڪن جو چوڻ آهي ته اهي روس سان ڳالهين جا مخالف ناهن، پر ڪنهن به نئين ناهه ۾ يورپ جي سلامتي، يوڪرين جي خودمختياري ۽ نيٽو جي بچاءَ واري نظام کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. يوڪرين جي صدر وولوديمير زيلنسڪي خدشو ظاهر ڪيو آهي ته روس وسيع تر سلامتيءَ وارين ڳالهين جي آڙ ۾ يوڪرين جي مستقبل بابت بنيادي معاملن کي پٺتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو.

بقايا *** 03

ورهاڱي واري مطالبي ۽ قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي جي سنڌ بابت بيان تي سخت ردعمل ڏيندي چيو آهي ته متحده جا اڳواڻ سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي سياسي شطرنج جا مهرا بڻيل آهن. متحده جي قيادت جي پوئتي پيل سياسي سوچ ئي ان جي عوامي حمايت ۾ گهٽتائي جو بنيادي سبب آهي. سنڌ جا عوام پاڪستان پيپلز پارٽي سان گڏ بيٺل آهن ۽ متحده کي ان ڳالهه جي تڪليف آهي ته عوام پيپلز پارٽي سان گڏ بيٺل آهي. هن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جو مطالبو سياسي مايوسي ۽ عوامي حمايت وڃائڻ جو نتيجو آهي. متحده کي سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪرڻ بدران سنڌ جي عوام سان گڏ بيهڻ گهرجي ها. سنڌ هڪ تاريخي، تهذيبي ۽ ناقابلِ تقسيم وحدت آهي، جنهن جي سڃاڻپ، وحدت ۽ خودمختياري تي ڪو به ناهه نٿو ٿي سگهي. ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ ڪنهن جي سياسي خواهشن، اقتدار جي سياست يا وقتي سياسي مفادن جي ور چڙهي نه سگهندي، سنڌ جا عوام پنهنجي ڌرتي، ثقافت ۽ سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ متحد آهن ۽ ورهاڱي توڙي نفرت جي سياست کي هميشه رد ڪندا رهندا. هن چيو ته ڪراچي جي عوام جون سياسي ترجيحون تبديل ٿي چڪيون آهن. شهري هاڻي لساني ورهاست ۽ نفرت بدران امن، محبت، روزگار، بنيادي سهولتن ۽ ترقي چاهين ٿا، متحده جي قيادت کي سنجيدگي سان سوچڻ گهرجي ته ڪراچي جي عوام کين ڇو رد ڪيو ۽ هو اڃا تائين ماضي جي سياست مان ڇو نڪري نه سگهيا آهن. صوبائي وزير چيو ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي ڪارڪردگي ۽ ترقياتي قدمن سبب متحده جي سياسي بيچيني ۾ اضافو ٿيو آهي. وڏي وزير مالي ڏکيائين ۽ محدود وسيلن باوجود صوبي ۾ ترقياتي عمل کي تيز ڪيو ۽ عوامي ڀلائي جي ڪيترن ئي منصوبن کي اڳتي وڌايو آهي. هن چيو ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت سنڌ ۾ وڏا ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويا آهن، جڏهن ته ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ عالمي ادارن جي سهڪار سان اهم منصوبن تي ڪم جاري آهي. ورلڊ بينڪ ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ سميت عالمي ادارن جو سنڌ حڪومت ۽ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي قيادت تي اعتماد سندس بهتر حڪمت عملي، محنت ۽ منصوبابندي جو ثبوت آهي. ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت عالمي سهڪار کي مؤثر نموني استعمال ڪندي انفرااسٽرڪچر، شهري ترقي ۽ عوامي سهولتن جي بهتري لاءِ قدم کڻي رهي آهي. ترقياتي منصوبن تي اڳڀرائي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته صوبائي حڪومت سياسي بيان بازي بدران عملي ڪم تي يقين رکي ٿي. محمود خان اڇڪزئي جي سنڌ بابت بيان تي ردعمل ڏيندي صوبائي وزير چيو ته سنڌ جي حالتن کي خيبرپختونخوا کان وڌيڪ خراب قرار ڏيڻ تي کيس حيرت ٿي آهي، ڪنهن به صوبي جي صورتحال بابت راءِ قائم ڪرڻ کان اڳ زميني حقيقتن، عوامي مسئلن ۽ جاري ترقياتي سرگرمين جو غيرجانبداراڻو جائزو وٺڻ ضروري آهي. محمود خان اڇڪزئي کي اهڙو بيان ڏيڻ کان اڳ خيبرپختونخوا جي عوام کان به پڇڻ گهرجي ها ته کين ڪهڙا مسئلا درپيش آهن ۽ صوبي جي موجوده صورتحال ڪهڙي آهي. هن چيو ته صوبن جي حالتن جو تعين سياسي بيانن ۽ پوائنٽ اسڪورنگ سان نه پر زميني حقيقتن، حڪومتي ڪارڪردگي ۽ عوام کي فراهم ٿيندڙ سهولتن سان ٿيندو آهي. سنڌ ۽ خيبرپختونخوا جا عوام سياسي بيان بازي نه پر عملي قدم، روزگار، تعليم، صحت، امن امان ۽ بنيادي سهولتن جي بهتري چاهين ٿا، تنهن ڪري سياسي قيادت کي صوبن جي مسئلن تي غيرضروري بيان بازي بدران انهن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. صوبائي وزير واضح ڪيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه سنڌ جي وحدت، خودمختياري، عوامي حقن ۽ صوبائي تشخص جي تحفظ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي ۽ پارٽي قيادت سنڌ جي عوام جي حقن تي ڪو به ناهه نه ڪندي. هن چيو ته سنڌ جا عوام پنهنجي ڌرتي ۽ تاريخي سڃاڻپ سان گهري وابستگي رکن ٿا، سنڌ کي ورهائڻ جا خواب ڏسندڙن کي عوامي جذبن ۽ تاريخي حقيقتن کي سمجهڻ گهرجي. سنڌ جا عوام پنهنجي وحدت جي تحفظ لاءِ متحد آهن ۽ ڪنهن به اهڙي سازش يا سياسي ايجنڊا کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا. ناصر حسين شاهه وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي جي سياست عوامي خدمت، جمهوري قدرن، صوبائي خودمختياري ۽ ترقي جي اصولن تي ٻڌل آهي. سنڌ جي عوام پنهنجي سياسي فيصلن ذريعي بار بار واضح ڪيو آهي ته هو نفرت ۽ ورهاڱي بدران اتحاد، ترقي ۽ جمهوري تسلسل جا حامي آهن.

بقايا *** 04

ظيم جي پرڏيهي وزيرن جي ڪائونسل جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ اسلام آباد پهچي ويو. پرڏيهي وزارت جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب، هوائي اڏي تي پرڏيهي وزارت جي عملدارن سندس استقبال ڪيو.

بقايا *** 05

ت ڪرڻ جو الزام هنيو آهي پنهنجي بيان ۾ سميتا افضال سيد چيو ته لنڊن واري ڪانپوءِ هاڻ مصطفيٰ ڪمال جو خواب به لساني ورهاڱو ۽ جناح پور آهي هن چيو ته ملڪ خلاف سازشن سبب ڪيترائي ماڻهو لنڊن واري کان الڳ ٿي چڪا آهن، پر مصطفيٰ ڪمال اڄ به انهن جو پوئلڳ بڻيل آهي هن چيو ته فارم 47 جي پيداوار مصطفيٰ ڪمال پاران پيپلز پارٽي کي مينڊيٽ جا طعنا ڏيڻ حيران ڪندڙ آهي هن موجب جيڪو شخص ڪائونسلر جي چونڊ به نه کٽي سگهيو اهو پنهنجي سياسي بقا لاءِ وفاق کي داءَ تي لڳائي رهيو آهي سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته پاڪستان يقيناً تاريخ جي اهم موڙ تي بيٺو آهي، پر افسوس ته ڪجهه وفاقي وزير وفاق خلاف سازشن ۾ مصروف آهن هن مصطفيٰ ڪمال کي مخاطب ٿيندي چيو ته هو پنهنجي جماعت جي قيادت خلاف سياسي سرگرميون ڪري، پر ملڪ خلاف ڪو قدم نه کڻي. سميتا افضال سيد وڌيڪ الزام هنيو ته ملڪ ۾ لساني سياست جو بنياد مصطفيٰ ڪمال جي سياسي اڳواڻن رکيو هن جو چوڻ هو ته سڀني مذهبن ۽ ٻولين ڳالهائيندڙن کي پاڪر پائڻ جون دعوائون ڪندڙن جي تاريخ ان جي اُبتڙ رهي آهي هن ايم ڪيو ايم جي ماضي جي سياست تي تنقيد ڪندي چيو ته هن جماعت جو نالو ايندي ئي شهرين کي بوري بند لاشن، ڀتي خوري ۽ ڪلن حوالي سان ٿيندڙ سياست ياد اچي ٿي هن موجب ڪراچي جا عوام ماضي جا واقعا نه وساريا آهن ۽ انهن کي خبر آهي ته شهر جي معصوم ٻارن کي تشدد ۽ ڏوهن جي سياست طرف ڪنهن ڌڪيو سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي سڄي ملڪ جي نمائنده جماعت آهي ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو اڄ به سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي سڃاڻپ آهي.

بقايا *** 06

ماني معاملن واري وزارت مطابق ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي، ته محمد بن سلمان ۽ رجب طيب اردگان جهڙين عالمي شخصيتن سان گڏ پاڪستاني قيادت جي ان فهرست ۾ شموليت وڏو اعزاز آهي. 500 بااثر مسلمان شخصيتن ۾ اهم مقام ملڻ پاڪستان جي سفارتي اهميت ۾ اضافي جي عڪاسي آهي. وفاقي وزير چيو ته عالمي سطح تي پاڪستان جي مضبوط سڃاڻپ ۽ قيادت تي وڌندڙ اعتماد جو اظهار به آهي ۽ پوري قوم کي پنهنجي قيادت تي فخر آهي.

بقايا *** 07

ن وڃن نجي ٽي وي جي رپورٽ ۾ حڪومتي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف ايمرجنسي جي صورتحال ۾ گورنر کي حاصل اختيارن بابت گڏيل آرڊيننس صدر آصف علي زرداري ڏانهن اماڻي ڇڏيو آهي. امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته وزيراعظم جي ايڊوائس تي صدر جلد انهي آرڊيننس کي جاري ڪندو. گڏيل قانوني قدمن جي تحت ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي دوران گورنر کي اڳ کان وڌيڪ اختيار حاصل هوندا. انهي کان علاوه خيبرپختونخواهه جي 12 خصوصي ضلعن جي حوالي سان به گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي جي انتظامي اختيارن ۾ اضافو ڪيو ويندو. حڪومتي ذريعن جو چوڻ آهي ته گڏيل آرڊيننس جي جاري ڪرڻ واري معاملي سبب قومي اسيمبلي جو اجلاس ٻيهر شيڊول ڪيو ويو آهي ڇو ته قومي اسيمبلي جو اجلاس طلب ڪرڻ کان پوءِ آرڊيننس جاري نٿو ڪري سگهجي.

بقايا *** 08

واسي 38 ورهين جو شخص فوت ٿي ويو. پوليس واقعي کي شڪي قرار ڏيندي مختلف پهلوئن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي پوليس موجب مقتول جي سڃاڻپ فرقان ولد ظفر طور تي آهي، جيڪو حيدرآباد جي علائقي لطيف آباد نمبر 8 جو رهواسي ۽ ڇئن ٻارن جو پيءُ هو هو اسڪول يونيفارم جو ڪاروبار ڪندو هو ۽ ڪاروباري سلسلي ۾ اڪثر ڪراچي ايندو رهندو هو. ايس ايچ او گلشن اقبال محمد سعود موجب واقعي وقت فرقان پنهنجن دوستن آصف ۽ وقاص سان گڏ گاڏي ۾ سوار ٿي عائشه منزل طرف وڃي رهيو هو ته مبينا طور نامعلوم ماڻهن جي فائرنگ سان زخمي ٿي پيو. کيس سنڌ گورنمينٽ اسپتال لياقت آباد منتقل ڪيو ويو، جتي هو زخمن جي سٽ نه سهندي دم ڏئي ويو. مقتول کي منهن تي اک هيٺان هڪ گولي لڳي هئي. پوليس عملدارن موجب مقتول جي دوستن فائرنگ جو هنڌ جنهن جاءِ تي ٻڌايو، اتان گولي جو خول يا رت جا نشان نه مليا، جنهن ڪانپوءِ واقعي کي شڪي قرار ڏئي گاڏي ۾ موجود ٻنهي دوستن کان به پڇا ڳاڇا شروع ڪئي وئي آهي. شروعاتي اطلاعن ۾ واقعي کي ڌاڙي دوران مزاحمت جو نتيجو ٻڌايو ويو هو. تنهن هوندي گلشن اقبال ۽ جوهر آباد پوليس وچ ۾ واقعي واري هنڌ جي حدن جو تعين به نه ٿي سگهيو ۽ ٻنهي ٿاڻن جا عملدار واقعو هڪ ٻئي جي حدن ۾ ٿيڻ جو موقف اختيار ڪندا رهيا.

بقايا *** 09

ي قابو ٽرڪ پنجن گاڏين سان ٽڪرائجي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ گاڏين کي سخت نقصان پهتو. تنهن هوندي حادثي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو. پوليس موجب ٽرڪ واٽر پمپ پل تان لهي رهيو هو ته اوچتو ان جا بريڪ فيل ٿي ويا ۽ اهو بي قابو ٿي سامهون ويندڙ پنجن گاڏين سان ٽڪرائجي ويو. حادثي ڪانپوءِ ٽرڪ ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو، جڏهن ته گاڏين ۾ سوار سڀئي ماڻهو محفوظ رهيا. واقعي ڪانپوءِ ڪاوڙيل شهرين ٽرڪ جي ڪلينر شاهه پير کي پڪڙي تشدد جو نشانو بڻايو. اطلاع ملڻ تي پوليس موقعي تي پهچي وئي ۽ ٽرڪ سميت ڪلينر کي ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو. پوليس عملدارن چيو ته ٽرڪ جي مالڪ سان رابطو ڪري ورتو ويو آهي، جنهن حادثي ۾ متاثر ٿيندڙ گاڏين جي نقصان جي ازالي جي ذميواري قبول ڪئي آهي، جڏهن ته فرار ڊرائيور بابت تفصيل حاصل ڪري ان جي ڳولا ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 10

وبائل فون ۾ موجود تصويرون، وڊيوز ۽ ٻئي ڊيٽا تائين پهچ حاصل ڪرڻ تي فيس بڪ جي پيرنٽ ڪمپني ميٽا تي 88 ڪروڙ 70 لک ڊالر (تقريبن 8 هزار 360 ڪروڙ پاڪستاني رپيا) ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آهي. اطالوي اختيارين موجب فيس بڪ ايپ جي ذريعي اينڊرائيڊ صارفين جي گيلري تائين پهچ حاصل ڪئي پئي وڃي، پر صارفين کي انهي باري ۾ مناسب طور تي آگاهه نه ڪيو ويو ۽ نه ئي انهن کان انهي حوالي سان رضامندي حاصل ڪئي وئي، انهي عمل سان اٽلي ۾ تقريبن 2 ڪروڙ ميٽا صارفين متاثر ٿيا. اختيارين جو چوڻ آهي ته فيس بڪ جو اهو فيچر 2023 کان دستياب هو جنهن جي تحت صارفين جي موبائل گيلري ۾ موجود تصويرون ۽ وڊيوز تجويز ڪئي وينديون هيون ته جيئن اهي فيس بڪ تي پوسٽ ڪري سگهن. پر ايپ ۾ گيلري تائين پهچ جي لاءِ هڪ ئي ڀيرو سرسري اجازت طلب ڪئي ويندي هئي، جنهن سان صارفين کي اهو واضح نه ٿيندو هو ته اجازت ڏيڻ جي نتيجي ۾ تصويرون ۽ وڊيوز جي تجويز ڏيندڙ فيچر به فعال ٿي ويندو.

بقايا *** 11

شيڊول جو لاڳو 18 نومبر 2026 کان ٿيندو، جنهن تحت ٻنهي ٽرينن جي روانگي ۽ منزل تي پهچڻ جي وقتن ۾ تبديلي ڪئي وئي آهي ريلوي پاران جاري نوٽيفڪيشن موجب 41 اپ ۽ 42 ڊائون قراقرم ايڪسپريس ڪراچي ڪينٽ ۽ لاهور وچ ۾ جڏهن ته 33 اپ ۽ 34 ڊائون پاڪ بزنس ايڪسپريس به ڪراچي ڪينٽ کان لاهور تائين نئين وقتن موجب هلائي ويندي نئين شيڊول تحت قراقرم ايڪسپريس ڪراچي ۽ لاهور ٻنهي اسٽيشنن تان منجهند 4 وڳي روانو ٿيندي هي ٽرين ڪراچي کان روانگي ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن صبح 11 وڳي 20 منٽن تي لاهور پهچندي، جڏهن ته لاهور کان روانو ٿي ٻئي ڏينهن صبح 11 وڳي 50 منٽن تي ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن پهچندي اهڙيءَ طرح پاڪ بزنس ايڪسپريس ڪراچي ۽ لاهور ٻنهي شهرن تان منجهند 3 وڳي روانو ٿيندي نئين وقتن موجب هي ٽرين ڪراچي کان روانگي ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن صبح 9 وڳي 15 منٽن تي لاهور پهچندي، جڏهن ته لاهور کان روانو ٿي ٻئي ڏينهن صبح 10 وڳي 15 منٽن تي ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن پهچندي پاڪستان ريلوي موجب قراقرم ايڪسپريس ڪراچي، لاهور، شيخوپوره ۽ فيصل آباد جي رستي جڏهن ته پاڪ بزنس ايڪسپريس ڪراچي، لاهور ۽ ساهيوال وچ ۾ پنهنجن مقرر رستن تي هلندي رهندي مسافرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته سفر کان اڳ نئين وقتن موجب پنهنجي روانگي ۽ آمد جو وقت ضرور معلوم ڪن

بقايا *** 12

ه بڻائڻ ۽ اتي رهندڙ شهرين کي شفاف ۽ منظم طريقيڪار تحت مالڪي جا حق فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ جامع ۽ مربوط عمل شروع ڪيو پيو وڃي، جنهن جو بنيادي مقصد انهن شهرين کي انهن جا جائز حق فراهم ڪرڻ آهي جيڪي سالن کان اتي رهي رهيا آهن ۽ انهن جي مسئلن جو مستقل حل يقيني بڻائڻ آهي. پنهنجي خاص وڊيو پيغام ۾ بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته هن اهم عوامي قدم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سڀني لاڳاپيل ادارن، مقامي حڪومتن جي نمائندن، سياسي ۽ سماجي شخصيتن ۽ شهرين کي هڪ پليٽ فارم تي متحد ٿيڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ ڊپٽي ميئرز، ٽائون چيئرمينن، وائيس چيئرمينن، يونين ڪميٽي چيئرمينن، وائيس چيئرمينن، ڪائونسلرن، محلا ڪميٽي ميمبرن، صلاحڪارن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سڀني تنظيمن کي هن عمل ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي آهي. هن واضح ڪيو ته هي هڪ غير سياسي ۽ خالص عوامي ڀلائي وارو عمل آهي، جنهن ۾ ڪنهن به سياسي وابستگي يا پارٽي جي فرق جي ڪا به گنجائش ناهي. مسلم ليگ (ن)، مسلم ليگ (ق)، جي ڊي اي، جمعيت علماءِ اسلام، جماعت اسلامي، پاڪستان تحريڪ انصاف، ايم ڪيو ايم ۽ ٻين سياسي ۽ سماجي حلقن سميت سڀني سياسي پارٽين کي هن قومي ۽ شهري ذميواري ۾ مڪمل تعاون ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي آهي. ان کان علاوه، اين جي اوز، ڪاروباري برادري، ڊاڪٽر وڪيل، ڪاروباري برادري، عورتون، بزرگ شهري ۽ خاص طور تي سکر جي صحافي ۽ ميڊيا حلقن کي پڻ هن عوامي مشن جو حصو بڻجڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته سکر شهر جي ڪچي آبادين جي حوالي سان هڪ جامع ڪارڪردگي رپورٽ تيار ڪئي وئي آهي، جنهن ذريعي مختلف آبادين جي قانوني ۽ انتظامي حيثيت جو تعين ڪيو ويندو. ڪجهه آباديون سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي اختيار هيٺ اچن ٿيون، ڪجهه سنڌ ڪچي آبادي اٿارٽي جي ماتحت آهن، جڏهن ته ڪجهه جي نوٽيفڪيشن جو عمل اڃا مڪمل نه ٿيو آهي. ساڳئي طرح، ملڪيت جي منتقلي جا معاملا ڪيترن ئي هنڌن تي التوا ۾ آهن، جڏهن ته ڪجهه آبادين جا اين او سي وفاقي ۽ صوبائي کاتن، پاڪستان ريلوي، آبپاشي کاتو ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن وٽ التوا ۾ آهن. ان کان علاوه، اهڙين آبادين جي به نشاندهي ڪئي ويندي جيڪي ڪچي آبادين جي طور تي اعلان ڪرڻ لاءِ قانوني ۽ انتظامي گهرجن کي پورو ڪن ٿيون، پر انهن جي حوالي سان اڃا تائين باضابطه ڪارروائي شروع نه ڪئي وئي آهي. هن چيو ته هن سڄي عمل جو مقصد هر ڪچي آبادي جي اصل صورتحال جو جائزو وٺڻ ۽ لاڳاپيل ادارن سان رابطي ۽ باهمي تعاون ذريعي قانوني گهرجن کي پورو ڪرڻ ۽ شهرين جي ملڪيت جي حقن ۾ رڪاوٽون ختم ڪرڻ آهي. ميئر سکر وڌيڪ چيو ته هو ذاتي طور تي سڄي منصوبي جي نگراني ڪندو. ان حوالي سان سلم بورڊ جي چيئرمين ۽ صلاحڪار نجمي عالم صاحب سان پڻ صلاح مشورا ۽ بحث مباحثا ڪيا ويا آهن. هن چيو ته ميئر سکر جي حيثيت سان، هو پاڻ سلم بورڊ جو وائيس چيئرمين پڻ آهي. تنهن ڪري لاڳاپيل ادارن جي سهڪار سان هن عمل کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مڪمل ڪوششون ڪيون وينديون. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ زور ڏنو ته سڄي عمل ۾ شفافيت، سالميت ۽ ميرٽ تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو. هن چيو ته ماضي ۾ ڪجهه هنڌن تي اهڙن ڪيسن ۾ غير قانوني مالي ٽرانزيڪشن ۽ ذاتي مفادن جون شڪايتون اٿاريون ويون آهن، پر هاڻي عمل کي هر قسم جي ڪرپشن، رشوت ۽ غير قانوني سرگرمين کان مڪمل طور تي آزاد رکڻ گهرجي. هن سڀني لاڳاپيل ماڻهن تي زور ڏنو ته اهي قرآن پاڪ کي شاهد طور تي وٺڻ جي عزم سان عمل ڪن ته ڪنهن به شهري جي حق، تجويز ڪيل ريگيولرائيزيشن جي عمل يا سرڪاري طريقيڪار کي ذاتي مفادن ۽ غير قانوني مالي فائدن لاءِ غلط استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. هن چيو ته هي ڪم صرف انتظامي يا سياسي ذميواري ناهي پر هڪ انساني، اخلاقي ۽ مذهبي فرض پڻ آهي. اسان سڀني کي هن مشن ۾ انعام ۽ ماڻهن جي خدمت جي نيت سان پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ته جيئن سالن کان پنهنجن جائز حقن جي انتظار ۾ ويٺل شهرين کي قانوني تحفظ ۽ ملڪيت جا حق فراهم ڪري سگهجن. ميئر سکر وڌيڪ چيو ته شهرين ۽ لاڳاپيل نمائندن جي سهولت لاءِ تيار ڪيل پرفارما کي سوشل ميڊيا پليٽ فارمز ۽ واٽس اپ گروپن ذريعي اردو، انگريزي ۽ سنڌي سميت ٽن ٻولين ۾ شيئر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ان جون هارڊ ڪاپيون لاڳاپيل ڊائريڪٽرن ۽ نمائندن ڏانهن پڻ موڪليون ويون آهن، جيڪي ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ لاڳاپيل ماڻهن تائين پهچنديون. آخر ۾، بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ سکر جي سڀني شهرين کي اپيل ڪئي ته هن اهم عوامي مشن ۾ سرگرم حصو وٺن، مهيا ڪيل پرفارمنس ذريعي مستند معلومات فراهم ڪرڻ ۾ تعاون ڪن ۽ هن پيغام کي وڌ کان وڌ شيئر ڪن ته جيئن گڏيل ڪوششن ذريعي سکر جي سڀني اهل ڪچي آبادي جا مسئلا حل ٿي سگهن ۽ شهرين کي انهن جا جائز مالڪي حق ڏئي سگهجن. هن چيو ته سکر اسان سڀني جو شهر آهي ۽ ان جي شهرين جي حقن جو تحفظ پڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي.

بقايا *** 13

ڏهن ته هلندڙ سال ڪمند جي پوکائي ۾ 16 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي پنجاب حڪومت طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب سمورين شوگر ملون ڪمند جي خريداري ڪنديون، جڏهن ته شوگر ملز ڪمند جو ريٽ مارڪيٽ فورسز ميڪنيزم جي تحت جاري ڪنديون. ذريعن موجب هلندڙ سال پنجاب ۾ 24 لک 52 هزار ايڪڙ تي ڪمند جي پوکائي ڪئي وئي آهي، جڏهن ته هلندڙ سال جي پوکائي گذريل سال جي نسبت 16 سيڪڙو وڌيڪ آهي.

بقايا *** 14

ي ۾ صبر، برداشت جي اهميت ۽ عدم برداشت جي معاشري تي ٿيندڙ ناڪاري اثرن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ آهي. ان ڏينهن کي ملهائڻ جي منظوري گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي 16 نومبر 1996 ع تي ڏني هئي، جنهن کان پوءِ پهريون ڀيرو برداشت جو عالمي ڏينهن 2005 ع ۾ ملهايو ويو هو ان ڏينهن جي موقعي تي مختلف ادارن ۽ سماجي تنظيمن جي اهتمام هيٺ مباحثا، مذاڪرا ۽ ٻين تقريبن جو اهتمام ڪيو ويندو، جڏهن ته پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي پڻ خاص مضمون شايع ۽ پروگرام نشر ڪيا ويندا.

بقايا *** 15

جاري ڪئي آهي. گهرو وزارت سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ عوام کي پر سڪون رهڻ جي اپيل ڪندي چيو آهي ته ڪنهن به امڪاني خطري جي صورتحال بابت معلومات لاءِ صرف سرڪاري چينلن تي دارومدار ڪيو وڃي. پرڏيهي خبررسان اداري موجب شهرين کي اهڙيون هدايتون خطي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال ۽ سيڪيورٽي خدشن کي نظر ۾ رکندي جاري ڪيون ويون آهن. بحرين جي گهرو وزارت فوري طور تي ڪنهن به امڪاني خطري جي حوالي سان وڌيڪ تفصيل فراهم نه ڪيا آهن.

بقايا *** 16

ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق فوجي اتحاد دعويٰ ڪئي آهي ته صبح جو گادي واري هنڌ طرف اڇلايل ٻه بيلسٽڪ ميزائيل فضا ۾ ئي روڪي تباهه ڪيا ويا آهن. اها ڪارروائي سعودي فضائي دفاعي نظام ان وقت ڪئي جڏهن ميزائيل رياض طرف وڌي رهيا هئا. ان کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ سعودي سول ڊفينس گادي واري هنڌ ۾ خطري جي وارننگ به جاري ڪئي هئي. گذريل ڪجهه ڪلاڪن دوران سعودي اتحاد ترجمان ترڪي المالڪي اوڀر ۽ ڏکڻ سعودي عرب ۾ ڪيترن ئي ڊرونز کي به روڪي تباهه ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو. انهن واقعن ۾ فوري طور تي ڪنهن به جاني يا مالي نقصان جا اطلاع نه مليا آهن.

بقايا *** 17

پارٽيءَ کي "دهشتگرد، غيرقانوني ۽ پابندي مڙهيل" تنظيم قرار ڏيڻ بابت پنهنجا مبينا بيان واپس وٺي، سوشل ميڊيا تان تڪراري مواد هٽائي ۽ ستن ڏينهن اندر غيرمشروط طور عوامي معافي وٺي. پي ايم ايم ايل جي صدر خالد مسعود سنڌو جي طرفان وڪيلن جي هڪ ٽيم ذريعي جاري ڪيل نوٽيس ۾ مريم نواز تي الزام لڳايو ويو آهي ته هن پنهنجي ايڪس اڪائونٽ تي هڪ پوسٽ ۽ عوامي تقرير دوران بدنام ڪندڙ بيان ڏنا، جيڪي بعد ۾ ٽيليويزن چئنلن تي بار بار نشر ڪيا ويا. پارٽي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن نوٽيس ملڻ کان ستن ڏينهن اندر سندس مطالبا پورا نه ڪيا ويا ته هوءَ لاڳاپيل اختيار رکندڙ عدالتن ۾ مناسب قانوني ڪارروائي شروع ڪرڻ تي مجبور ٿيندي، جنهن جا سمورا خرچ ۽ نتيجا مريم نواز جي ذميواري هوندا. اها قانوني ڪارروائي 8 نومبر تي قومي اسيمبليءَ جي تڪ اين اي 77 گوجرانوالا ۾ ٿيل ننڍي چونڊ ڪانپوءِ حڪمران مسلم ليگ (ن) ۽ پي ايم ايم ايل وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جي پسمنظر ۾ سامهون آئي آهي. مسلم ليگ (ن) اها سيٽ برقرار رکي، جنهن ۾ سندس اميدوار راشد بشير ورڪ 43,365 ووٽ حاصل ڪيا، جڏهن ته پي ايم ايم ايل جي اميدوار ابراهيم گجر کي 30,218 ووٽ مليا. پي ايم ايم ايل چونڊ نتيجن کي رد ڪندي دعويٰ ڪئي ته حقيقت ۾ سندس اميدوار ڪاميابي حاصل ڪئي هئي ۽ 50 پولنگ اسٽيشنن تي ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ جو مطالبو ڪيو. ان ڪانپوءِ مريم نواز ۽ پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري پي ايم ايم ايل جي سياسي حيثيت تي سوال اٿاريا ۽ الزام لڳايو ته پابندي مڙهيل تنظيمون نون نالن سان سرگرم آهن. پي ايم ايم ايل جو موقف آهي ته اها اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان (اي سي پي) وٽ قانوني طور رجسٽرڊ سياسي پارٽي آهي ۽ 2022 ع کان ڪم ڪري رهي آهي.

بقايا *** 18

و ڏيندي حسن نوريان چيو ته آمريڪا جي هوابازي واري شعبي کي جديد بڻائڻ لاءِ 50 ارب ڊالرن جي ضرورت آهي، جڏهن ته ايران خلاف جنگ تي لڳ ڀڳ 47 ارب ڊالر خرچ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته آمريڪي حڪومت کي ٽيڪس ڏيندڙ شهرين جا اربين ڊالر جنگين ۽ فوجي ڪارروائين بدران ملڪ جي بنيادي ڍانچي، هوائي ٽريفڪ ڪنٽرول، آمدرفت ۽ رابطن جي نظام کي مضبوط بڻائڻ تي خرچ ڪرڻ گهرجن. حسن نوريان دعويٰ ڪئي ته سخت عالمي پابندين باوجود ايران پنهنجي هوابازي واري صنعت کي هلائي رهيو آهي ۽ پراڻن جهازن جي مرمت توڙي سارسنڀال ۾ پاڻيرو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته ايران سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ انجنيئرنگ جي شعبن ۾ پنهنجي صلاحيتن وسيلي اڳڀرائي ڪئي آهي. هن وڌيڪ چيو ته آمريڪا گذريل 47 سالن کان ايران جي هوابازي واري شعبي تي پابنديون لڳائي رهيو آهي، پر ان باوجود ايران جو هوائي رابطن وارو نظام هلندڙ آهي ۽ ان کي آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ پيدا ٿيل بحران کي منهن نه ڏيڻو پيو آهي.

بقايا *** 19

بارڪباد ڏيندي آزاد ۽ خودمختيار فلسطيني رياست جي قيام لاءِ پنهنجي غير متزلزل حمايت جو وري اظهار ڪيو آهي سماجي پليٽ فارم ايڪس تي پرڏيهي کاتي پاران جاري بيان موجب حڪومت ۽ پاڪستاني عوام هن اهم موقعي تي فلسطينين ۽ انهن جي حڪومت لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪن ٿا. پرڏيهي کاتي پنهنجي پيغام ۾ واضح ڪيو ته پاڪستان فلسطيني عوام جي حق خود اراديت جي حمايت تي ثابت قدم آهي. وزارت خارجه پاران چيو ويو ته پاڪستان هڪ آزاد ۽ خودمختيار فلسطيني رياست جي قيام واري پنهنجي اصولي موقف تي قائم آهي. صدر آصف علي زرداري جو فلسطيني صدر محمود عباس جي نالي خط. رياست فلسطين جي اعلان آزادي جي 38 هين سالگرهه تي فلسطيني صدر ۽ عوام کي مبارڪباد ڏني. صدر مملڪت خط ۾ فلسطيني عوام جي جائز حقن، خاص طور حق خود اراديت لاءِ پاڪستان جي غير متزلزل حمايت جو وري اظهار ڪيو. آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان ۽ فلسطين وچ ۾ ويجها برادراڻا لاڳاپا قائم آهن ۽ پاڪستاني عوام فلسطيني عوام کي انتهائي احترام جي نگاهه سان ڏسن ٿا. صدر ٻنهي ملڪن وچ ۾ دوستي ۽ ڀائيچاري جي رشتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪندي آزاد، خودمختيار، قابل عمل ۽ لاڳاپيل فلسطيني رياست جي قيام لاءِ پاڪستان جي اصولي حمايت ورجائي. آصف علي زرداري فلسطيني عوام کي پيش ايندڙ مشڪلاتن تي يڪجهتي جو اظهار ڪندي پائيدار امن، آزادي ۽ وقار لاءِ انهن جي خواهشن جي حمايت جو به وري اظهار ڪيو.

بقايا *** 20

۽ فلسطين وچ ۾ گڏيل تاريخ، گڏيل اعتماد، يڪجهتي ۽ گڏيل خواهشن تي ٻڌل ويجها پائيدار لاڳاپا هموار آهن. هن چيو ته پاڪستان جي عوام فلسطيني عوام کي انتهائي احترام جي نگاهه سان ڏسي ٿي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ دوستي ۽ ڀائيچاري جي رشتن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. صدر آصف علي زرداري گڏيل قومن جي قراردادن موجب 1967 ع کان اڳ جي سرحدن جي بنياد تي آزاد، خودمختيار، عمل جوڳي ۽ رياست فلسطين جنهن جي گادي وارو هنڌ القدس الشريف هجي، جي قيام لاءِ پاڪستان جي مضبوط ۽ اصولي حمايت جو ورجاءُ ڪيو. هن فلسطيني عوام کي مسلسل درپيش مصيبتن جي ڏس ۾ انهن سان گڏ پاڪستان جي يڪجهتي جو ورجاءُ ڪندي پائيدار امن، آزادي ۽ وقار لاءِ انهن جي خواهشن جي حمايت جو به اظهار ڪيو.

بقايا *** 21

هين اي سي او وزيرن جي ڪائونسل جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ اسلام آباد پهچي ويو. آچر ڏينهن پرڏيهي وزارت جي ترجمان جي آفيس پاران جاري ڪيل بيان موجب اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پرڏيهي وزارت جي عملدارن سندس استقبال ڪيو.

بقايا *** 22

سل جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ اسلام آباد پهتو آچر ڏينهن پرڏيهي آفيس مُوجب اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پهچڻ تي پرڏيهي وزارت جي عملدارن سندس گرمجوشي سان استقبال ڪيو.

بقايا *** 23

پاسداران انقلاب بحرين ۾ آمريڪي فوجي اڏن کي نشانو بڻايو آهي. پاسداران انقلاب موجب، بحرين جي الرفاع هيلي ڪاپٽر اڏي تي ڊرون حملن دوران آمريڪي هوائي بچاءَ واري نظام جي راڊار کي 6 ڊرونن وسيلي نشانو بڻايو ويو. پاسداران انقلاب جو چوڻ آهي ته اهي حملا آمريڪا جي دشمنائين ڪارروائين جي جواب ۾ ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 24

مرادزاده 30هين اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) جي پرڏيهي وزيرن جي ڪائونسل جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ اسلام آباد پهتو آچر ڏينهن پرڏيهي آفيس موجب اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پرڏيهي معاملن واري وزارت جي عملدارن سندس استقبال ڪيو.

بقايا *** 25

آهن. اُردن جي رائل اسلامڪ اسٽريٽجڪ اسٽڊيز سينٽر طرفان شايع ڪيل دنيا جي 500 بااثر مسلمان شخصيتن جي فهرست ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير پهرين نمبر تي آهن انهي کان علاوه سعودي عرب جو ولي عهد محمد بن سلمان ۽ ترڪيه جي صدر رجب طيب اردوان کي به بااثر مسلمانن جي فهرست ۾ پهرين نمبر تي رکيو ويو آهي. خصوصي مضمون جوائنٽ نمبر ون ۾ اداري انهي فيصلي جو بنيادي سبب مڪ دفاعي معاهدي کي قرار ڏنو آهي.

بقايا *** 26

عمر ناصر منهاس شهيد ۽ حوالدار محمد عدنان خان شهيد جي جنازي نماز چڪلالا گيريزن، راولپنڊي ۾ ادا ڪئي وئي، آءِ ايس پي آر موجب جنازي نماز ۾ وزيراعظم شهباز شريف، آرمي چيف، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، وفاقي وزير اطلاعات، نشريات، اعليٰ سول، عسڪري اختيارين ۽ شهيدن جي وارثن شرڪت ڪئي. آءِ ايس پي آر موجب پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ پوري قوم اسان جي شهيدن جي عظيم قرباني کي خراج تحسين پيش ڪري ٿي، انهن جي بهادري، لڳن ۽ ملڪ سان غير متزلزل وابستگي هميشه فخر جوڳي رهندي. شهيدن کي انهن جي اباڻي علائقن ۾ مڪمل فوجي اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويندو.

بقايا *** 27

خاص حيثيت رکي ٿو حيرت جي ڳالهه اها آهي ته خشڪ علائقي ۾ موجود هي کوهه اڄ به لکين زائرين جي پاڻيءَ جي ضرورت پوري ڪري رهيو آهي. سعودي ارضياتي ماهرن جي تحقيق موجب، زمزم جو کوهه لڳ ڀڳ 30 ميٽر اونهو آهي ۽ ان کي وادي ابراهيم جي زمين هيٺ پاڻيءَ جا ذخيرا پاڻي فراهم ڪن ٿا. برسات جو پاڻي وادي ابراهيم ۽ ڀرپاسي جي جبلن مان زمين اندر جذب ٿي پٿرن جي ڏارن ۽ مٽيءَ جي تهن مان گذرندو کوهه تائين پهچي ٿو. تحقيق موجب، کوهه مان پاڻي ڪڍڻ ڪانپوءِ به ان جي سطح ٻيهر بحال ٿيڻ جي صلاحيت رکي ٿي. هڪ آزمائش دوران پاڻي ڪڍڻ بند ڪرڻ کان پوءِ ان جي سطح لڳ ڀڳ 11 منٽن اندر اڳوڻي حالت ڏانهن موٽي آئي هئي. سعودي عرب جو ارضياتي سروي وارو ادارو هن پاڻيءَ جي معيار، زيرزمين ذخيرن ۽ برسات وسيلي پاڻيءَ جي ٻيهر پهچڻ واري عمل جي مسلسل نگراني ڪري ٿو. ماهرن موجب، زمزم جي پاڻيءَ جي ڊگهي عرصي تائين فراهميءَ جو هڪ اهم سبب ان جو قدرتي زيرزمين آبي نظام آهي.

بقايا *** 28

قومي گڏيل حڪومت ناهڻ جي آڇ کي سياسي چال قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو آهي. گادي آئزنڪوٽ چيو ته نيتن ياهو ڄاڻي ٿو ته هو چونڊون هارائي چڪو آهي، گڏيل حڪومت ناهڻ جي آڇ نئين حڪومت جي قيام کي ڏکيو بڻائڻ جي ڪوشش آهي. اهڙيون چالون نه مون تي ۽ نه ئي اسرائيل جي شهرين تي اثرانداز ٿين ٿيون. گذريل ڏينهن نيتن ياهو هڪ ڀيرو ٻيهر مخالف ڌر کي گڏيل حڪومت ناهڻ جي آڇ ڪئي ۽ تجويز ڪيل حڪومت ۾ رڳو يهودي پارٽين کي شامل ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي، جيئن ايران جي خطري کي ختم ڪري سگهجي. واضح رهي ته اسرائيلي پارليامينٽ جي 67 ميمبرن جي حمايت حاصل ڪندڙ گادي آئزنڪوٽ کي اسرائيلي صدر حڪومت ناهڻ جي ذميواري ڏني آهي.

بقايا *** 29

ڏڙ ٿي ڊرون ۾ ڪيرائي تباهه ڪيو ويا، سعودي شهري دفاع واري اداري طرفان صبح جو 4 لڳي 8 منٽن تي خبرداريءَ جو سائرن وڄايو ويو، جنهن ۾ رياض جي رهواسين کي ايندڙ فضائي خطري کان خبردار ڪيو ويو. ڪجهه منٽن ڪانپوءِ ٻه زوردار ڌماڪا ٻڌڻ ۾ آيا، جنهن ڪانپوءِ اختيارين خطرو ٽرڻ جو اعلان ڪيو. ٻئي طرف يمن ۾ حڪومت جي حمايت ڪندڙ اتحاد جي سرڪاري ترجمان ميجر جنرل ترڪي المالڪي ايڪس تي اعلان ڪيو ته سعودي فضائي دفاعي نظام گاديءَ واري هنڌ کي نشانو بڻائيندڙ ٻن بيلسٽڪ ميزائيلن کي فضا ۾ ئي روڪي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. اعلان موجب، اتحاد اوڀرين صوبي ڏانهن موڪليل ٽن ڊرونن کي به روڪي تباهه ڪيو آهي. تازا حملا حوثي باغين طرفان سعودي هوائي اڏن، فوجي تنصيبات ۽ توانائيءَ جي ڍانچي تي حملن جي هڪ سلسلي ڪانپوءِ ڪيا ويا آهن. انهن ۾ تازو حملو پڻ شامل آهي، جنهن ۾ رياض جي مالياتي ضلعي ۾ سرڪاري تيل ڪمپني سعودي آرامڪو جي هڪ انتظامي عمارت کي نقصان پهچايو ويو هو. اوڀرين صوبي ۾ سعودي عرب جا تيل ۽ گئس جا اڪثر ذخيرا ۽ آرامڪو جو هيڊڪوارٽر واقع آهن. گذريل ڪجهه هفتن دوران ان صوبي کي بار بار حملن جو نشانو بڻايو ويو آهي. آڪٽوبر ۾ تيل جي هڪ تنصيب تي حملي سبب آرامڪو جي تنصيبات کي وڏو نقصان پهتو هو. جڏهن ته رياض جي مالياتي ضلعي تي تازن حملن ڪانپوءِ ملڪ جي اهم بنيادي ڍانچي جي سلامتيءَ بابت خدشا وڌي ويا آهن. حوثي باغين رياض جي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ ۽ سعودي عرب جي ٻين هوائي اڏن کي پڻ بار بار نشانو بڻايو آهي. سرڪاري انگن اکرن موجب، سيپٽمبر کان وٺي سعودي عرب تي ڪيل حملن ۾ 26 ڄڻا مارجي چڪا آهن. جن مان 23 ڄڻا هوائي اڏن کي نشانو بڻائيندڙ حملن ۾ مارجي ويا. اربع ڏينهن سعودي فضائي دفاعي نظام رياض، مڪي ۽ ٻين علائقن ڏانهن فائر ڪيل حوثي ميزائلن ۽ ڊرونز کي فضا ۾ ئي روڪي ڇڏيو هو. جڏهن ته اتحاد اعلان ڪيو هو ته گاديءَ واري شهر ۽ ملڪ جي ڏاکڻي علائقي ڏانهن موڪليل ڊرون تباهه ڪيا آهن. حوثين خلاف يمن جي عالمي سطح تي تسليم ٿيل حڪومت جي حمايت ڪندڙ اتحاد، سرحد پار حملن جي جواب ۾ يمن اندر ويڙهاڪ گروپ جي ٺڪاڻن تي هوائي حملا تيز ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا *** 30

ي مصطفيٰ ڪمال چيو ته پاڪستان اڄ انتهائي اهم ۽ فيصلاڪن تاريخي موڙ تي بيٺل آهي. ماضي جا خواب هاڻي حقيقت جو روپ وٺي رهيا آهن. هن چيو ته نون صوبن جي قيام لاءِ عوامي راءِ شماري ڪرائي ويندي ۽ ڊسمبر جو مهينو انتهائي اهم آهي. نون صوبن جا مخالف هن شهر ۽ صوبي جي لساني ورهاست کي ٻئي رستي سان وڌائڻ چاهين ٿا. مصطفيٰ ڪمال چيو ته ملڪ ۾ زميندارن، وڏيرڪي ۽ سرمائيداراڻي نظام کي دفن ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. پيپلز پارٽي سڄي سنڌ جي نمائندگي نٿي ڪري، جڏهن ته سنڌي قوم پرست سنڌي قوم جا به دشمن آهن.

بقايا *** 31

دار پوليس کي دوکو ڏئي فرار ٿي ويا، جڏهن ته فرار ٿيندڙ هو هڪ پوليس اهلڪار جي موٽر سائيڪل به کڻي ويا. واقعي ڪانپوءِ غفلت ڪرڻ تي ٽن پوليس اهلڪارن کي گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو آهي. پوليس موجب تقريباً چار مهينا اڳ گڊاپ جي علائقي ۾ هڪ واپاري جي گهر ۾ ڌاڙي جي واردات ٿي هئي، جنهن ۾ جوابدار 200 تولا سون، چاندي ۽ 25 لک رپيا نقدي ڦري فرار ٿي ويا هئا. ان ڦرلٽ ۾ مڙيل سامان جي مجموعي ماليت تقريباً 9 ڪروڙ رپيا ٻڌائي وئي هئي ۽ واقعي جو ڪيس گڊاپ ٿاڻي ۾ داخل آهي. پوليس عملدارن موجب واردات ۾ مبينا طور هڪ سنار سميت ٽي جوابدار ملوث هئا. جيڪي گڊاپ پوليس جي حراست ۾ هئا انهن مان ٻه جوابدار پوليس اهلڪارن جي غفلت جي ڪري فرار ٿي ويا. مقامي ايس ايس پي مليرجي هدايت تي ڊيوٽي ۾ غفلت جي شڪ ۾ ٽن پوليس اهلڪارن کي ڪوارٽر گارڊ ڪري ... آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي ايسٽ ۽ ايس ايس پي مليرکان فوري طور تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. هن فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آڻڻ، خاص ٽيمون جوڙڻ ۽ سرچ اينڊ ڪومبنگ آپريشن شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. آءِ جي سنڌ چيو ته پوليس اهلڪارن پاران فرض جي ادائگي ۾ غفلت يا لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ واقعي جي سمورن پاسن جو جائزو وٺي ذميوارن جو تعين ڪيو ويندو ۽ غفلت ڪندڙ اهلڪارن خلاف ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

بقايا *** 32

هي گهڻي عرصي کان منظر عام تان غائب رهندڙ ڳائڻي جي نئين وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي، جنهن ۾ کيس ڪراچي ۾ هڪ اسٽال تي مصنوعي زيور ۽ هٿ سان تيار ڪيل ثقافتي ڪپڙا وڪڻندي ڏسي سگهجي ٿو. شازيه خشڪ هڪ صحافي سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته هوءَ 2018 کان ڳائڻ ڇڏي چڪي آهي ۽ هن اهو فيصلو الله ۽ اسلام خاطر ڪيو. هن جو چوڻ هو ته مشهور مذهبي شخصيت ۽ اڳوڻي ڳائڻي جنيد جمشيد جي وفات کيس گهري صدمي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ هن موسيقي جي دنيا کان ڪناره ڪشي اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڳائڻي موجب هن فيصلي هن وقت سان گڏ پاڻ کي سنڀاليو ۽ همت ڪري پردو اختيار ڪري ورتو. شازيه خشڪ پنهنجن مشهور لوڪ گيتن، خاص طور "لال ميري پت" سبب شهرت رکي ٿي ۽ ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ مختلف وڏن اسٽيجن تي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪي آهي. هن ڳالهه ٻولهه ۾ ٻڌايو ته هن جا ٻار ٻاهرين ملڪ ۾ رهن ٿا، تنهن هوندي کيس يقين آهي ته هوءَ ڪڏهن اڪيلي نه ٿيندي جو الله تعاليٰ هن سان گڏ آهي. ٻئي طرف سوشل ميڊيا تي شازيه خشڪ جي فيصلي تي دعائن ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو پيو وڃي.

بقايا *** 33

راندڪرن کي پاڪستان ڪرڪيٽ جي لاءِ نمايان خدمتن جي اعتراف ۾ هال آف فيم ۾ شامل ڪيو ويو. محمد يوسف جي چونڊ آزادانه ۽ شفاف ووٽنگ جي ذريعي ڪئي وئي جڏهن ته ثناءمير کي آءِ سي سي هال آف فيم ۾ شموليت جي بنياد تي پي سي بي هال آف فيم جو حصو بڻايو ويو. محمد يوسف ۽ ثناءِ مير کان اڳ پي سي بي هال آف فيم ۾ 14 عظيم راندڪر شامل هئا. عبدالقادر، عبدالحفيظ ڪاردار، فضل محمود، حنيف محمد، عمران خان، انضمام الحق، جاويد ميانداد، مصباح الحق، مشتاق محمد، سعيد انور، وسيم اڪرم، وقار يونس، يونس خان ۽ ظهير عباس به هال آف فيم ۾ شامل آهن. قومي ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان محمد يوسف 381 انٽرنيشنل ميچن مان 17 هزار 300 رنسون ٺاهيون، هن 2006 ۾ ٽيسٽ ڪرڪيٽ ۾ 1.788 رنسون ٺاهي عالمي رڪارڊ قائم ڪيو. وومين ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان ثناء مير 226 انٽرنيشنل ميچن ۾ 240 وڪيٽون حاصل ڪرڻ سان گڏ 2.432 رنسون به ٺاهيون، ثناء مير جي قيادت ۾ پاڪستان 2010 ۽ 2014 جي ايشين گيمز ۾ طلائي تمغا کٽيا.

بقايا *** 34

ن سبب ٿڌ جي شدت ۾ اضافو ٿي ويو. ليلر واري جي اثر هيٺ علائقن ۾ برسات جڏهن ته مٿانهين علائقن گريس، آژنگ، ڪيل، شونٽر ۽ سرگن ۾ برفباري پئي، ليپه وادي جي پهاڙي علائقن ۾ به برفباري رڪارڊ ڪئي وئي، جڏهن ته آزاد ڪشمير جي آخري ڳوٺ تائوبٽ ۾ گرمي پد ڪاٽو 7 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو، جڏهن ته مظفرآباد شهر ۾ گرمي پد اٺ ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو. موسم ٿڌو هجڻ جي باوجود زندگيءَ جو نظام معمول موجب آهي جڏهن ته رابطي جا روڊ به بحال آهن.

بقايا *** 35

پکڙو حصو افغانستان ڏانهن اسمگل ڪيو ويندو آهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اختيار ولي خان چيو ته وفاقي حڪومت قانوني مائننگ جي لاءِ جامع پاليسي تيار ڪري رهي آهي، غير قانوني گولڊ مائننگ ۾ ملوث ڪنهن به شخص کي ڇوٽ نه ڏني ويندي. اختيار ولي خان اڳوڻي صوبائي حڪومت کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته ڪجهه ماڻهو خيبرپختونخواهه بڻائڻ جي دعويٰ ڪندا هئا، پر 15 سال جي دوران صوبي جي وسيلن مان فائدو کڻڻ جي باوجود عوام جي لاءِ ڪجهه به نه ڪيو ويو. هن چيو ته خيبرپختونخواهه جو جابلو سلسلو سون جي ذخيرن سان مالا مال آهي پر انهن وسيلن مان صوبي ۽ قومي ناڻي کي فائدو پهچائڻ جي بجاءِ غيرقانوني طريقي سان سون ڪڍيو ويو. وزيراعظم جي صلاحڪار دعويٰ ڪئي ته کوهاٽ ۾ وڏي پيماني تي غيرقانوني طور تي پليسر گولڊ ڪڍيو پئي ويو. روزانو تقريبن 90 ڪلو سون ڪڍيو ويندو هو. هن چيو ته گذريل حڪومت جي دور ۾ غيرقانوني مائننگ لاءِ پنج ۽ 10 سال ليز به ڏني وئي جنهن سان قومي ناڻي ۽ صوبائي معيشت کي نقصان پهتو. ليگي اڳواڻ الزام لڳايو ته اڳوڻي صوبائي حڪومت جي دور ۾ غيرقانوني گولڊ مائننگ جي سرپرستي ڪئي وئي. ان لاءِ ڪميٽي جوڙي وئي جنهن ۾ هڪ مبينه خارجي ڪمانڊر کي به شامل ڪيو ويو هو. هن جو چوڻ هو ته پابندي مڙهيل تنظيمن جا ڪمانڊر مقامي ماڻهن کان ماهوار ست لک رپيا وصول ڪندا هئا. جڏهن ته غيرقانوني مائننگ سان حاصل ٿيندڙ رقم رياست مخالف سرگرمين جي لاءِ استعمال ڪئي ويندي هئي. اختيار ولي خان چيو ته حڪومت خيبرپختونخواهه ۾ قانوني مائننگ لاءِ جامع پاليسي جوڙي رهي آهي ته جيئن صوبي جي معدني وسيلن کي قانوني ۽ شفاف طريقي سان استعمال ڪري سگهجي. هن چيو ته حڪومت صوبي مان غيرقانوني مائننگ جي نيٽ ورڪ جو خاتمو ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته غيرقانوني گولڊ مائننگ ۾ ملوث سمورن ماڻهن جي خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ڪنهن کي به احتساب کان ڇوٽ نه ڏني ويندي.

بقايا عوامي سوچ 01

عزا کي مولانا مولا بخش هالائي، زوار محمد حسين چانڊيو، مولانا مشتاق حسين مري ۽ زوار آصف حسين الحسيني خطاب ڪندي حضرت بي بي فاطمہ زهره سلام الله عليها جو مقام ۽ منزلت بيان ڪندي چيو تہ جڏهن بہ حضرت بي بي فاطمہ زهره سلام الله عليها رسول خدا حضرت محمد مصطفيٰ صہ جَي خدمت ۾ تشريف ڏينديون هيون تہ رسول خدا صہ پاڻ جن جي استقبال لاءِ بيهي رهندا هئا. پاڻ جن جو احترام ڪندي پنهنجي جاءِ تي ويهاريندا هئا. اهو عمل رسول خدا جي نياڻي جي عظمت، فضيلت ۽ بلند مرتبي جو واضح دليل آهي. مقررين چيو تہ حضرت بي بي فاطمہ زهره سلام الله عليها سيدة نساءِ العالمين آهن. پاڻ سمورين جنتي عورتن جون سردار آهن. رسول خدا حضرت محمد مصطفيٰ پاڻ جَن جي عظمت ۽ منزلت بيان ڪندي فرمايو: فَاطِمَةُ اُمُّ اَبِيهَا يعني فاطمہ پنهنجي والد جي ماءُ آهي. هي لقب رسول خدا جي حضرت فاطمہ زهره سلام الله عليها سان بي مثال محبت، عقيدت ۽ پاڻ جن جي بلند مقام ۽ مرتبي جي عڪاسي ڪري ٿو. مقررين چيو تہ حضرت فاطمہ زهره سلام الله عليها جي زندگي اسلامي عورتن لاءِ بهترين نمونو آهي. پاڻ جن پنهنجي ڪردار ۽ عمل سان حق ۽ صداقت، صبر ۽ استقامت ۽ دينِ اسلام جي سربلنديءَ جو درس ڏنو. هنن چيو تہ رسول خدا جي نياڻي جي مظلومانہ شهادتَ اسلام جي تاريخ جو هڪ دردناڪ باب آهي، جنهن کي هميشہ ياد رکيو ويندو. اسان کي گهرجي تہ سيرتِ فاطمہ زهره سلام الله عليها تي عمل ڪندي پنهنجن گهرن ۽ معاشري ۾ اسلامي تعليمات کي هٿي وٺرايون. جڏهن تہ مجلسِ عزا ڪانپوءِ معروف نوحہ خوان استاد نورعلي ڪوسو نوحہ خواني ڪئي. جڏهن تہ عزادار مومنين ماتم داري ۽ عزاداري ڪئي. آخر ۾ نيازِ امام تقسيم ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 02

نجي ٽي وي چينل جي رپورٽر ذيشان خاصخيلي جي فرياد تي ستي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو. فريادي موجب سندس ذهين جماعت ۾ پڙهندڙ پٽ کي ڪوچنگ سينٽر وڃڻ دوران ڪيترائي ڀيرا مبينا طور حراسان ڪرڻ ۽ اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي شاگرد جي والد پنهنجي بيان ۾ ڄاڻايو آهي تہ ٻہ ڏينهن اڳ رات دير سان سندس پٽ گهر جو سامان وٺڻ لاءِ ٻاهر نڪتو تہ موٽرسائيڪل سوار ٻن نوجوانن ڪيس مبينا طور زبردستي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان دوران پٽ جي رڙين جو آواز ٻڌي گهر ڀاتي ٻاهر نڪتا تہ جوابدار ڪين سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ڏيندي موقعي تان فرار ٿي ويا. واقعي ڪانپوءِ متاثر خاندان پاران پوليس کي اطلاع ڏنو ويو، جنهن بعد فرياد تي مبينا اغوا جي ڪوشش جو ڪيس مبشير ميمڻ ۽ عبدالڪريم خلاف ستي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي هوڏانهن ايس ايڇ او ستي جو چوڻ آهي تہ واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. واقعي ڪانپوءِ شهر ۾ شاگردن جي تحفظ ۽ امن امان جي صورتحال بابت سوال اٿي رهيا آهن. جڏهن تہ متاثر خاندان پاران جوابدارن جي فوري گرفتاري ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 03

باروڪن ڏيڻ سميت هڪ مدرسي ۾ مفتوي سان ملاقات ڪري دعائون وٺڻ سميت فاتح خواني ڪري مختلف ماڻهن سان سندن ڏک ۾ پڻ شريڪ ٿيو. ان سلسلي ۾ عشر زڪوات ڪميٽي ضلعي ٺٽي جي چيئرمين حاجي عبدالڪريم شورو صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ هن ٺٽي جي ساحلي پٽي ڀڳهاڻ ۽ ڳاڙهو شهرن ۾ پهچي حاجي عبدالطيف ڪڙمون کي عمري جي سعادت ماڻڻ تي مبارڪون ڏيڻ سميت مديني شريف کان آيل حاجي عبدالقادر وڳام سان ملاقات ڪري ڪيس لونگين جا تحفا پيش ڪري ڪيس شورا هائوس مڪلي تي اچڻ تي دعوت ڏني، جيڪا هن قبول ڪري ورتي، عشر زڪوات ڪميٽي ٺٽي جي چيئرمين حاجي عبدالڪريم شورو ٻڌايو تہ هن ڀڳهاڻ شهر ۾ حاجي علي محمد ڪڙمون پاران ڏنل دعوت ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ يوسي ڀڳهاڻ جي چيئرمين ذاڪر علي ڪڙمون، وڏيرو حاجي عبدالله پڙج سميت وڏي تعداد ۾ شهرين ۽ ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي هئي. جنهن بعد حاجي عبدالڪريم شورو ڳاڙهي شهر پهچي مفتي حاجي عبدالرحمان شورو سان سندس مدرسي ۾ ملاقات ڪري خصوصي دعائون گهريون ويون. جڏهن تہ ان کان پوءِ حاجي عبدالڪريم شورو پاران وڏيرو عبدالله ڪڙمون وٽ پهچي ساڻس سندس پٽ جي وڇوڙي تي فاتح خواني ڪري مرحوم جي مغفرت لاءِ خصوصي دعائون گهري ڏک ونڊيو. حاجي عبدالڪريم شورو چيو تہ ڪنهن ماڻهون جي خوشي توڙي غمي ۾ وڃڻ تي ڪيس سڪون ملي ٿو. هن چيو تہ هن تنگدستي واري دور ۾ ڪنهن شخص جي ڏک ۾ شريڪ ٿي ان کي آٿت ڏيڻ ٻ پلو ڪم اهي، جنهن جو الله پاڪ اجر پڻ ڏي ٿو. هن چيو تہ هر ماڻهون کي گهرجي تہ هو مصيبت ماريل ماڻهن جي هرممڪن مدد ڪرڻ سميت بيمار ماڻهن جي انهن جي گهر وڃي عيادت ڪن. جيڪا پڻ هڪ عبادت آهي. الله پاڪ کان دعا اهي تہ اسانجو پيارو ملڪ پاڪستان هميشہ ترقي جون منزلون ماڻيندو رهي ۽ اسانجي ملڪ کي [illegible]

بقايا عوامي سوچ 04

[illegible] سالن کان مريض پريشان اسلام ڪوٽ جي رورل هيلٿ سينٽر ڪي پي پي ايڇ آءِ حوالي ٿيڻ کي تقريبن ٽي سال گذري ويا آهن پر اسپتعال ۾ اجاتائين ڪا بہ سهولتن ۾ بهتري ن آهي مردانا الٽراسائونڊ جي سهولت موجود ن آهي ۽ شام ۽ رات جو ٻارن جو ڊاڪٽر موجود ن آهي شام ۽ رات جي وقت هنگامي سيزيرين آپريشن جي سهولت موجود ناهي ۽ هڪ مهيني ڪان گهٽ عمر جي بيمار ٻارن لاءِ نرسري پڻ قائم ناهي مريض کي علاج لاءِ تشخيص لاءِ مٺي يا حيدرآباد وڃڻو پوي ٿو سوال اهو آهي ت جڏهن پي پي ايڇ آءِ وٽ مالي خودمختيار آهن پوءِ بہ عوام کي پريشان ۽ ريفر ڪن ٿا اسلام ڪوٽ جي عوام کي ب معيار صحت جيون سهولتون ملڻ گهرجن صحت کو احساس ن پر بنيادي حق آهي

بقايا عوامي سوچ 05

ي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪنداسين فشرفوڪ فورم ماهيگيرن سان پرامن جدوجهد ۾ گڏ گڏ آهي، فشرفوڪ فورم ۽ ماهيگيرن جي احتجاج کان پوءِ اڄ فشريزڪاتي جي صوبائي وزير محمدعلي ملڪاڻي پاران واقعي جو نوٽيس وٺڻ کان پوءِ ڊي جي فشريز ميرين ڊاڪٽر عاصم ڪريم جي ماهيگيرن سان ڪيٽي بندر ۾ ملاقات ڪري داد رسي لکت ۾ درخواست داخل ڪرڻ سنو سنوڻ آهي اميد تہ شرپسندن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ٻي صورت ۾ انصاف لاءِ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 06

خاص پ پ تعلقہ سجاول جي صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ ۽ پ پ جي سرگرم اڳواڻ ڀاءُ عبداللطيف ميمڻ شرڪت ڪئي. آرگنائيزرن اداڪارن نديم شهزادڪتي، آڪاش اڪبر زنگيجو ۽ ناشاد نظير لوهار پاران ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ، ڀاءُ عبداللطيف ميمڻ ۽ آيل معززين کي لنگين جا تحفہ پيش ڪيا. ان موقعي تي زاهد حسن ڪڏو، نجيب سرويچ، شهمير گبول ميمڻ، ابراهيم سوهو، گلاب ڪوڙ، جنيد ميمڻ، اياز امر شيخ، سجاول پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري امتياز ميمڻ سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 07

مين ضلع ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور محسن هائوس ٺٽو تي عوامي مسئلن جي حل ۽ پاڻ ۾ اتفاق ۽ اتحاد کي هٿي وٺرائڻ واري سلسلي کي جاري رکندي محمد اسماعيل گلڙي ۽ علي محمد گلڙي وچ ۾ هلندڙ زميني تڪرار جو پاڻ نوٽيس وٺندي ٻنهي ڌرين جا موقف تفصيل سان ٻڌا ۽ گڏيل صلاح مشوري بعد تڪرار خوش اسلوبيءَ سان حل ڪرائي ٻنهي ڌرين کي کير کنڊ ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي پير سڪندر شاهہ، رئيس محب پيروزاڻي، رئيس سڪندرعلي لاشاري، فتح محمد مرگهر ۽ احمد لنجر سميت ٻيون معزز شخصيتون پڻ موجود هيون. ان موقعي تي چيئرمين ضلع ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ محسن هائوس ٺٽو رڳو هڪ سياسي آفيس ناهي، پر عوامي خدمت، مسئلن جي حل، مظلومن جي داد رسي ۽ ڀائيچاري کي هٿي وٺرائڻ جو مرڪز آهي، جتي عوام لاءِ هر وقت دروازا کليل آهن. ضلعي جي ڏورانهن علائقن مان ماڻهو پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون کڻي هتي اچن ٿا، اسان جي ڪوشش هوندي آهي تہ انهن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي ٻڌي فوري ۽ منصفاڻو حل يقيني بڻايون. هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سياست جو بنيادي محور عوامي خدمت، عوامي مسئلن جو حل ۽ ماڻهن کي انصاف فراهم ڪرڻ آهي. اسان جي قيادت جو واضح پيغام آهي تہ عوام کي سندن درن تي رليف فراهم ڪيو وڃي ۽ معاشري ۾ محبت، ڀائيچاري ۽ امن کي هٿي ڏني وڃي. عبدالحميد پنهور وڌيڪ چيو تہ سنڌ جي صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز ۽ جيل خانہ جات حاجي علي حسن زرداري جي خاص سرپرستي ۽ رهنمائيءَ ۾ محسن هائوس ٺٽو ۽ ضامن هائوس جهڙا عوامي مرڪز قائم ڪيا ويا آهن، جتي چوويهہ ڪلاڪ عوام جي خدمت جو سلسلو جاري آهي. انهن مرڪزن جو مقصد سياسي وابستگيءَ کان مٿانهون ٿي هر شهري جا مسئلا ٻڌڻ، پاڻ ۾ اختلافن ۽ تڪرارن کي ڳالهہ ٻولهہ ۽ سمجهہ سان حل ڪرڻ ۽ عوام کي فوري رليف فراهم ڪرڻ آهي. هن چيو تہ اسان جي اصل ڪاميابي عهدن يا سياسي سرگرمين ۾ ناهي، پر اصل ڪاميابي تڏهن آهي، جڏهن بہ ناراض خاندان پاڻ ۾ صلح ڪن، ڪنهن مظلوم کي انصاف ملي ۽ ڪنهن ضرورتمند جي چهري تي خوشي موٽي اچي. عوام جي خدمت اسان جو سياسي فرض پڻ آهي ۽ پهرين ترجيح پڻ آهي

بقايا عوامي سوچ 08

نيڪ مردن پ پ ورڪر جيالن جيئي ڀٽو جي نعرن جي گونج ۾ مين روڊ کان ڳوٺ تائين گلن جي ورکا ڪندي استقبال ڪيو بعد ۾ پ پ ايم اين اي رفيق احمد جمالي آر او پلانٽ جو افتتاح ڪندي دعا گهري بعد ۾ ايم اين اي رفيق احمد جمالي ڳوٺ اندر منقعد ڪيل ڪٽ کي خطاب ڪندي چيو تہ موجوده علائقي اندر ۾ زيرزمين پاڻي ڪافي وقت کان ڪاروهجڻ ڪري ڳوٺاڻا پيئڻ جي صاف پاڻي لاءِ وڏين تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا هئا جنهن ڪري ڳوٺاڻن جي مطالبي ۽ اسرار تي آر او پلانٽ منظور ڪرايو آهي هن وڌيڪ چيو تہ صرف ڳوٺ شهمير [illegible] ڳوٺ اندر جرجو پاڻي 45 سئو ٽي ڊي ايس تي آهي هن کي پلانٽ ذريعي فلٽر ڪري 2 سو ٽي ڊي ايس تي پهچايو ويو آهي ان موقعي تي پ پ عورت ايم پي اي جوهي ڊاڪٽر سجيلا منظور لغاري، رئيس دائم گاڏهي، عبدالحميد گاڏهي، رئيس عيدن گاڏهي، شهمير گاڏهي، ظفرعلي گاڏهي، احمد زمان گاڏهي، غلام شبير گاڏهي، محمد بخش گاڏهي ۽ ٻين آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ ۽ ٽوپيون پارائي سنڌن آجيان ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 09

ن خطاب ڪندي بيبي پاڪ سد فاطمہ زهراء سلام الله عليها جي سيرت، فضيلتن، قربانين ۽ اسلام لاءِ ڏنل عظيم خدمتن تي روشني وڌي. ان موقعي تي قبلا علامہ اسد رضا نعيمي صاحب، قبلا علامہ محمد اسماعيل قمي صاحب آف قم المقدس ايران ۽ مولانا امتياز علي روحاني صاحب خطاب ڪيو. نوحہ خوان انجمن لشڪر عباس عليہ السلام، استاد شهاب الدين شهاب. انجمن سادات بخاري نوابشاهہ ۽ انجمن حبيب خان رند پاران سد فاطمہ زهراء سلام الله عليها جي بارگاهہ ۾ پرسہ پيش ڪيو خصوصي تعاون ڪندڙ سيد نور محمد شاهہ (گارڊن سٽي)، سيد لياقت علي شاهہ بخاري، زوار شاهنواز چانڊيو، شيعہ علماءِ ڪائونسل صوبہ سنڌ جا اڳواڻ زوار محمد حسن چانڊيو، قربان علي حيدري، مولانا عطا حسين چانڊيو، اعجاز شاهہ، ساجد علي رند سميت وڏي انگ ۾ مؤمنين ۽ عزادارن شرڪت ڪئي. پروگرام جي پڄاڻيءَ تي بيبي پاڪ سد فاطمہ زهراء سلام الله عليها جي نالي سان نياز تيار ڪري مؤمنين ۽ عزادارن ۾ تقسيم ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 10

ماجي اڳواڻ سيد احمد شاهہ ڪاظمي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي ڏيهہ سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي، گلشن سيد وليج پهچي ويو. گلشن سيد وليج پهچڻ تي ڳوٺاڻن، دوستن، عزيزن ۽ علائقي جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پاران سيد احمد شاهہ ڪاظمي جو والهانہ استقبال ڪيو ويو. استقبال دوران ڳوٺاڻن پاران سيد احمد شاهہ ڪاظمي کي گلن جا هار پارايا ويا ۽ سنڌ جي سوکڙي سنڌي لونگي پڻ پارائي وئي. ان موقعي تي آيلن مهمانن کيس عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪون ڏنيون. سيد احمد شاهہ ڪاظمي آيل سمورن ڳوٺاڻن ۽ علائقي جي سياسي و سماجي اڳواڻن جو ٿورا مڃيندي چيو تہ اوهان جي محبت ۽ دعائن سان ئي هي سعادت نصيب ٿي آهي. هن آيلن کي آب زم زم پڻ پيئاريو ۽ سيني لاءِ دعائون گهريون. ان موقعي تي ڳوٺاڻن جو چوڻ هو تہ سيد احمد شاهہ ڪاظمي هميشہ ڏکئي وقت ۾ غريبن، ٻوڏ متاثرن ۽ بي پهچ ماڻهن جو ساٿ ڏنو آهي. الله پاڪ ڪيس عمري جي سعادت قبول فرمائي ۽ ڪيس وڌيڪ خدمت جي توفيق ڏئي

بقايا عوامي سوچ 11

جہ نوجوان ٺٽي لڳ ڳوٺ حاجي جعفر ڪماڻ پرسان ڪي ڊي اي واهہ ۾ وهنجي رهيا هئا تہ 2 نوجوان افضل خان پناڻ ۽ رومان خان ٻڏي ويا جن مان بروقت ڳوٺاڻن هڪ نوجوان افضل خان کي بچائي ورتو هڪ نوجوان رومان پناڻ ٻڏي ويو جنهن جي ڳولا ڪئي پئي وڃي وارثن توڙي ڳوٺاڻن انتظاميہ کان ٻڏي ويل جي ڳولا ۾ مد جي اپيل ڪئي آهي ٻڏي ويل رومان پوليس اهلڪار ٻڌايو وڃي ٿو جنهن جو تعلق بنارس ڪراچي سان آهي

بقايا عوامي سوچ 12

سٽريٽ لائيٽون مستحق مختلف ڳوٺن جي ماڻهن کي ڏنيون ويون ان موقعي تي يونين ڪائونسل ٻولهاڙي جي چيئرمين سومار علي هوٿي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان پنهنجي يونين ڪائونسل ٻولهاڙي ۾ ضلع ڪائونسل ميمبر ارباب رضاء الله سان گڏجي مختلف ڳوٺن جي ماڻهن کي 9 سئو سولر اسٽريٽ لائيٽون ۽ ڪپڙا سبڻ واريون مشينون مستحقن تائين پهچايون آهن ۽ انهي سان گڏ مختلف ڳوٺن ۾ ست سولر سسٽم تي هلندڙ پيئڻ جي پاڻي وارا ٺمر پمپ تقسيم ڪيا آهن ۽ انهي سان گڏ پيا بہ ڪافي ڪم ڪري چڪا آهيون هنن چيو تہ اسان جي ڪوشش آهي تہ جيڪا اسان کي بجيت امانت ٺئي ملي ٿي اها اسان امانت سمجهي مستحقن تائين پهچايون پيا هن چيو تہ جيئن اسان مٿان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي ارباب لطف الله صاحب اعتماد سان چونڊرايو تيئن ئي ماڻهن جي هروقت خدمت لاءِ حاضر آهيون

بقايا عوامي سوچ 13

نٽ پٽائي گرائونڊ تي ڪوٺائي وئي جنهن ۾ 30 ناليوارين ٽيمن حصو ورتو اٺن ڏينهن جي دلچسپ مقابلن بعد سيمي فائينل مئچون علي وارث ۽ پٽائي ڪرڪيٽ ڪلب ڪٽي فائينل ۾ پهتيون فائنل ميچ ۾ علي وارث ڪرڪيٽ ڪلب ٽاس ڪٽي بيٽنگ جو فيصلو ڪيو پهرين بيٽنگ ڪندي علي وارث ڪرڪيٽ ڪلب 8 اوورن 122 رنس جو ٽارگيٽ ڏنو. جواب ۾ پويان ڪيڏندي پٽائي ڪرڪيٽ ڪلب جي 8 اوورن ۾ ڍير ٿي وئي ۽ فائينل مئچ علي وارث ڪرڪيٽ ڪلب ڪٽي ورتو جڏهن تہ مين آف دي مئچ ميچ سيمي فائينل ۽ مين آف دي ٽورنامينٽ اظهر ٿهيم کي ڏنو ويو جڏنهن تہ فائينل جي مهمان خاص عبدالغفار جبل جمالي ۽ اعزازي مهمان خاص شڪيل مدهوش سومرو فائنل ڪٽيندڙ علي وارث ڪرڪيٽ ڪلب [illegible]

بقايا عوامي سوچ 14

6 ع کان باقاعده شروع ٿيندو. ميلي جي حوالي سان ٽائون انتظاميا ۽ ميلي انتظاميا پاران سموريون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. ميلي جو افتتاح سياڻي مهندي ۽ چادر چاڙهڻ جي روحاني تقريب سان ڪيو ويندو. جڏهن تہ پهريون ۽ افتتاحي ملاڪڙو پڻ سياڻي کان شروع ٿيندو. ملاڪڙي ۾ ٽر، اتر ۽ لاڙ سميت سنڌ جي مختلف علائقن جا مشهور ملهہ پهلوان پنهنجي فن ۽ طاقت جا جوهر ڏيکاريندا. ملاڪڙو لڳاتار چار ڏينهن جاري رهندو. جڏهن تہ ميلي ۾ ڪبڊي جا دلچسپ مقابلا پڻ چار ڏينهن تائين جاري رهندا. ان کان علاوه گهوڙن جي ڊوڙ جا مقابلا بہ سياڻي کان شروع ٿيندا. جن ۾ سنڌ جي مشهور گهوڙن جا شوقين پنهنجن سهڻن ۽ تيز رفتار گهوڙن سميت شرڪت ڪندا. ساليانو ميلي ۾ سنڌ جي ثقافت، روايتن ۽ راندين جا رنگ ڏسڻ لاءِ وڏي انگ ۾ عقيدتمندن، ملهہ پهلوانن ۽ شوقينن جي آمد جو امڪان آهي

بقايا عوامي سوچ 15

دعوا ڪيا پيا وڃن، اتي ٻئي پاسي يونين ڪائونسل پليچاڻي جي وڏن ڳوٺن ۽ آسپاس جي تقريبن رهواسين جو اهو ئي چوڻ آهي تہ سنڌن علائقا اڃا تائين انهن سرڪاري سهولتن کان مڪمل طور محروم آهن مقامي مالوند ماڻهن ۽ ڳوٺاڻن پاران اعليٰ اختيارين جو ڌيان ڇڪائيندي چيو ويو آهي تہ يو سي پليچاڻي جي ڳوٺن ۾ نانگ جي ڏنگ واري جديد ويڪسين تہ پري جي ڳالهہ، پر اڄ تائين عام موسمي بيمارين کان بچاءَ واري بنيادي ويڪسينيشن جي سهولت بہ مُهئيسر ناهي ٿي سگهي، ۽ نہ ئي ورلڊ بئنڪ يا سنڌ حڪومت جي مفت چوپائي مال واري اسڪيم جو فائدو هن علائقي جي ڪنهن مستحق ماڻهوءَ تائين پهتو آهي علائقي واسين ۽ مالوند ماڻهن سنڌ حڪومت ۽ لائيواسٽاڪ کاتي جي اعليٰ عملدارن کان پرزور مطالبو ڪيو آهي تہ يو سي پليچاڻي جي ڳوٺن جو فوري طور زميني سروي ڪرايو وڃي، جانورن جي بچاءَ لاءِ ويڪسينيشن ٽيمون موڪليون وڃن، ۽ غريب ماڻهن جي سهائتا وارن منصوبن ۾ هن پسمانده علائقي جي حقدارن کي بہ شفاف طريقي سان شامل ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 16

ايو ويو جنگشاهي: جنگشاهي کان لڳ ڀڳ چار ڪلوميٽر پري ڪراچي کي پاڻي فراهم ڪندڙ کي ڊي اي ڪينال ۾ افسوسناڪ حادثو پيش آيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪراچي پوليس جو اهلڪار رومان يوسفزئي ولد فضل سردار يوسفزئي ٻڏي فوت ٿي ويو، جڏهن تہ سندس ساٿي کي بچايو ويو. مليل ڄاڻ موجب، رومان يوسفزئي، جيڪو ڪراچي ۾ ون فائيو (15) تي ڊيوٽي سرانجام ڏيندو هو، پنهنجي هڪ ساٿي سان گڏ رات لڳ ڀڳ هڪ وڳي هڪ فارم هائوس تي پهتو هو. صبح جو لڳ ڀڳ اٺين وڳي ٻئي ڄڻا ڪي ڊي اي ڪينال مان پاڻي پيئڻ يا هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ رسي جي مدد سان پاڻي تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا تہ اوچتو رسي ٽٽي پئي، جنهن سبب ٻئي ڄڻا ڪينال ۾ ڪري پيا. واقعي دوران 22 ورهين جو رومان يوسفزئي پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو، جڏهن تہ سندس ساٿي کي بچايو ويو. فوتي اهلڪار جو لاش ڪينال مان ڪڍي روانو ڪيو ويو. افسوسناڪ واقعي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر پکڙجي وئي.

بقايا عوامي سوچ 17

تان مسلم ليگ ن پاران "هڪ ڌرتي هڪ سڃاڻپ، منهنجو پيارو پاڪستان" جي عنوان سان مٺي جي صادق فقير چوڪ تي جلسو منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ مردن توڙي عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جلسي ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪندڙ مملڪتي وزير ڪيئل داس ڪوهستاني کي ٿر جي ثقافت ڦينٽو پارايو ويو، جڏهن تہ جلسي کي ايڊووڪيٽ هيمراج پيل، ماما مڪيش، چام غني سميجو، ستار ڏوهٽ ۽ ٻين خطاب ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 18

لهر سنڌ جو ناميارو ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ڪالم نويس مشتاق ڪاملاڻي لاڏاڻو ڪري ويو. سندس جنازي نماز اڄ مغرب جي نماز ڪانپوءِ سجاول ۾ ادا ڪئي ويندي، جنهن بعد ڪيس مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويندو. مشتاق ڪاملاڻي جو شمار سنڌ جي باصلاحيت اديبن ۾ ٿيندو هو. هن 1979ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي. سندس مشهور ڪهاڻي "گونگي برسات" ۽ ناول "رولو" سنڌي ادب ۾ خاص سڃاڻپ رکن ٿا. جڏهن تہ سندس ڪيتريون ئي لکڻيون ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڀارت جي آڪاشواڻي تان پڻ نشر ٿينديون رهيون جنرل ضياءُ الحق جي آمريتي دور ۾ مبينا طور گمشدگي ۽ تشدد واري واقعي ڪانپوءِ سندس ذهني ۽ جسماني صحت متاثر ٿي، جنهن سبب زندگيءَ جا آخري سال سخت تڪليفن ۽ ڪسمپرسيءَ ۾ گذاريا پيس. 2018ع ۾ سندس خراب حالت جون خبرون سامهون اچڻ بعد سنڌ حڪومت ۽ ان وقت جي صوبائي وزير ثقافت پاران علاج ۽ سرڪاري ملازمت بحال ڪرڻ جا اعلان پڻ ڪيا ويا، پر انهن تي مڪمل عملدرآمد نہ ٿي سگهيو. مشتاق ڪاملاڻي جي لاڏاڻي سان سنڌي ادب هڪ اهم تخليقي شخصيت کان محروم ٿي ويو آهي. سندس ادبي خدمتون، ڪهاڻيون ۽ ناول هميشہ ياد رکيا ويندا. سندس جنازي [illegible]

بقايا عوامي سوچ 19

يل هڪ هفتي کان گم آهي، جنهن جي گمشدگي سبب گهر ۾ ڪهرام متل آهي ۽ وارث سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن. گم ٿيل نوجوان جي والد علي مردان جوڻيجو، آفتاب جوڻيجو، اسرار جوڻيجو ۽ ٻين وارثن جو چوڻ آهي تہ اسان غريب مزدور ماڻهو آهيون، اسان جو پٽ هڪ هفتو اڳ گهران نڪتو هو، جيڪو اڃا تائين واپس نہ آيو آهي، وارثن موجب ٽي ڏينهن اڳ سي سيڪشن ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي وئي آهي، جڏهن تہ مٽن مائٽن ۽ ٻين هنڌن تي ڳولا باوجود نوجوان جو ڪو ڏس پتو نہ ملي سگهيو آهي، وارثن وڌيڪ چيو تہ اسان جي ڪنهن سان بہ ڪا دشمني يا جهيڙو ناهي، اسين غريب مزدور ماڻهو آهيون ۽ ڪنهن سان بہ ڪو تڪرار ناهي، تنهن هوندي بہ اسان جو نوجوان هڪ هفتي کان گم آهي، جنهن سبب سڄو خاندان سخت پريشاني ۾ مبتلا آهي، وارثن جو چوڻ آهي تہ نوجوان جي گمشدگي سبب سندس امڙ روئي روئي بيحال ٿي وئي آهي ۽ گهر ۾ سخت پريشاني واري صورتحال آهي، هنن اعليٰ اختيارين، پوليس ۽ وس وارن کي اپيل ڪئي آهي تہ گم ٿيل نوجوان محمود جوڻيجو جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي، جيئن سندن گهر جون خوشيون ٻيهر بحال ٿي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 20

جي مخالفت ڪانپوءِ سنڌ ڀر ۾ پڻ ان حوالي سان مختلف سياسي ۽ سماجي حلقن پاران پنهنجي موقف جو اظهار ڪيو پيو وڃي، سنڌ جي وحدت، يڪجهتي ۽ تاريخي سڃاڻپ جي تحفظ بابت پاڪستان پيپلز پارٽي جو موقف هڪ ڀيرو ٻيهر بحث جو موضوع بڻجي ويو آهي، ان سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر جي وائيس چيئرمين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ بيرسٽر ويرم خان انور مهر وڌيڪ چيو تہ اسان جي قيادت واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ سنڌ هڪ تاريخي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي سڃاڻپ رکندڙ صوبو آهي، جنهن جي وحدت ۽ يڪجهتي برقرار رکڻ هر شهري جي ذميواري آهي، نون صوبن جي قيام بابت پارٽي قيادت جو موقف واضح آهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي وحدت جي تحفظ کي اهميت ڏئي ٿي، انهن خيالن جو اظهار هن ٽائون وائيس چيئرمين غلام مرتضيٰ گهانگهرو جي رهائشگاهہ تي سکر ميڊيا سينٽر جي سرپرست اعليٰ ڪي بي شيخ، پراگ شرما، آدم شمباڻي، حفيظ بلوچ، سيف الله بلوچ ۽ ٻين شهرين سان ملاقات دوران ڳالهائيندي ڪيو، ملاقات ۾ سنڌ جي سياسي صورتحال، صوبي جي وحدت، عوامي مسئلن ۽ مڪاني نظام جي ڪردار سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن چيو تہ سنڌ جي تاريخي حيثيت، ثقافت، ٻولي ۽ روايتون ان جي منفرد سڃاڻپ آهن، جن جي تحفظ ۽ واڌاري لاءِ سياسي، سماجي ۽ عوامي سطح تي مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي، بيرسٽر ويرم خان مهر وڌيڪ چيو تہ سياسي معاملن تي اختلاف راءِ جمهوري عمل جو حصو آهي، تنهن هوندي بہ صوبي جي مستقبل ۽ عوامي مفادن سان لاڳاپيل معاملن تي سنجيده ۽ ذميواراڻي گفتگو ٿيڻ گهرجي، هن ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ عوامي مسئلن جي حل، ترقياتي منصوبن جي تڪميل، تعليم، صحت، روزگار ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي تي پڻ خاص ڌيان ڏنو وڃي، ان موقعي تي سکر ميڊيا سينٽر جي سرپرست اعليٰ ڪي بي شيخ ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن پڻ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ سنڌ جي وحدت، امن، ڀائيچاري ۽ بين الصوبائي هم آهنگي جي فروغ لاءِ سڀني سياسي ۽ سماجي حلقن کي پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، ان موقعي تي جيئي شاهہ ٽائون جي وائيس چيئرمين غلام مرتضيٰ گهانگهرو پاران مهمانن جي پرتڪلف چانهہ جي دعوت ڪئي وئي، جنهن ۾ ڪيڪ، بسڪيٽ ۽ فروٽ پڻ پيش ڪيا ويا. دوستن جي ملاقات خوشگوار ماحول ۾ پڄاڻي تي پهتي، جنهن دوران باهمي رابطن ۽ عوامي توڙي سماجي معاملن تي صلاح مشورا جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 21

مذهب سان ڳنڍيو، پاڪ فوج ڀارت کي حق جي جنگ ۾ تاريخي شڪست ڏني آهي، پاڪستان اڄ خطي ۽ دنيا جي امن لاءِ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، جنهن جو سهرو فيلڊ مارشل جنرل آصم منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي ٽيم ڏانهن وڃي ٿو، اهڙو اظهار هن مٺي ۾ جلسي عام کي خطاب ڪندي ڪيو، هن چيو تہ ٿر جي ڌرتيءَ تي منهنجا هندو ڀائر بہ آباد آهن ۽ منهنجا مسلمان ڀائر بہ آباد آهن. هي ٿرپارڪر جو خوبصورت شهر ۽ خوبصورت ضلعو آهي، جتي مسلمان ۽ هندو محبت، پيار ۽ مذهبي هم آهنگيءَ سان گڏ رهن ٿا. اهوئي اصل پاڪستان آهي، جتي سڀني مذهبن جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا، هن تہ مٺي ۽ ٿرپارڪر منهنجي لاءِ نوان ناهن. مان ضرور ڪوهستاني آهيان، پر سڀ کان پهرين پاڪستاني آهيان. ٿر بہ پاڪستان آهي، ڪوهستان بہ پاڪستان آهي ۽ سنڌ بہ پاڪستان آهي، مون کي پنهنجي ٿري ڀائرن سان ملي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. اڄ پاڪستان ۾ رهندڙ اسان هندو پنهنجي ۽ پاڪستان جي دشمن مودي کي واضح پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا تہ توهان چوندا آهيو تہ پاڪستان ۾ هندو [illegible] سرمست جو پٽ هجڻ تي فخر آهي. مان ڀارت کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ توهان اسان جي ملڪ خلاف سازشون ڪيون، توهان اسلام ۽ مسلمانن کي نشانو بڻايو ۽ دهشتگرديءَ کي مذهب سان جوڙيو، پر اها توهان جي ڀل هئي ۽ توهان ڪوڙا ثابت ٿيا. توهان کي اها غلط فهمي هئي تہ پاڪستان ڪمزور آهي، پر توهان کي اها خبر نہ هئي تہ هن ملڪ جو وزيراعظم شهباز شريف آهي، جيڪو نواز شريف جو ڀاءُ آهي، جنهن ڀارت جي پنج ايٽمي ڌماڪن جي جواب ۾ ڇهہ ايٽمي ڌماڪا ڪيا هئا، توهان کي اهو بہ اندازو نہ هو تہ پاڪستاني عوام جي دلين جي ڌڙڪن ۽ اسان جي فوج جي سپهہ سالار فيلڊ مارشل جنرل عاصم منيرجي قيادت ۾ اسان جي فوج توهان کي اهڙو سبق سيکاريندي، جو اڄ توهان سڄي دنيا ۾ وائکا ٿي چڪا آهيو ۽ ڪٿي بہ منهن ڏيکارڻ جي قابل ناهيو رهيا، هن چيو تہ اسان کي پنهنجي فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف تي فخر آهي، ٿر جي مسئلن تي ڳالهائيندي مان چوندس تہ هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ ٿر جي ڌرتيءَ جي وسيلن تي هتان جي ماڻهن کي حق ملڻ گهرجي، اهو توهان جو مقدر ناهي تہ توهان بينظير انڪم سپورٽ ڪارڊ يا امداد جي پويان ڀڄندا رهو. توهان جو حق آهي تہ توهان کي پنهنجي ڌرتيءَ جا وسيلا ۽ اختيار ملن، جيڪڏهن ڪو اهو سوچي ٿو تہ ٿر اهڙي طرح اٿي ۽ امدادي ڪارڊ جي پويان هلندو رهندو، تہ اها ان جي ڀل آهي، ٿر جو عوام باشعور، پڙهيل لکيل ۽ محنتي آهي. انهن کي انتظامي اختيار ملڻ گهرجن، تہ جيئن اهي پنهنجي تقدير جو فيصلو پاڻ ڪري سگهن. ڪيئل داس ڪوهستاني چيو تہ مان ٿرڪول انتظاميا کي بہ چوان ٿو تہ ٿرڪول مان حاصل ٿيندڙ آمدني هتان جي ماڻهن تي خرچ ڪئي وڃي، هتي يونيورسٽيون ۽ ميڊيڪل ڪاليج ڇو نٿا ٺهن؟ بهتر زندگي ۽ تعليم ٿرپارڪر جي عوام جو بنيادي حق آهي، توهان ٻڌايو تہ توهان تعليم چاهيو ٿا يا نہ، تہ جيئن دنيا کي خبر پوي تہ ٿر ۽ پاڪستان جا عوام جاڳي چڪا آهن پاڪستان جو امن ۽ عالمي ڪردار، اڄ جيڪي ماڻهو اسان تي دهشتگرديءَ جا الزام لڳائيندا هئا، اهي ڏسي وٺن تہ پاڪستان اڄ خطي ۽ دنيا جي امن لاءِ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، ان جو سهرو فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير، وزيراعظم شهباز شريف، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ وزير دفاع خواجا آصف جي ٽيم کي وڃي ٿو، جن سفارتي ۽ دفاعي ٻنهي محاذن تي پاڪستان کي مضبوط ڪيو آهي، هن چيو تہ اڄ جنگ جي حامي مودي کي دنيا جي دورن کان پاسو ڪرڻو پوي ٿو جڏهن تہ اسان جي وزيراعظم ۽ آرمي چيف کي دنيا ۾ عزت ملي رهي آهي، اهي اسان جا هيرو آهن، اين ايف سي ايوارڊ ۽ ضلعي سطح تي اختيارن جي منتقلي، مان اهو مطالبو ضرور ڪندس تہ اين ايف سي ايوارڊ تحت صوبن کي ملندڙ فنڊ ضلعي سطح تي منتقل ٿيڻ گهرجن. ارڙهين ترميم ۾ اسان واعدو ڪيو هو تہ هيٺين سطح تائين اختيار منتقل ڪري عوام کي مضبوط ڪنداسين، اهي وسيلا ٿر، ڪوهستان، حيدرآباد ۽ ڪراچي سميت هر شهر کي ملڻ گهرجن، تہ جيئن عوام جا مسئلا انهن جي دروازن تي حل ٿين. وفاقي وزير چيو تہ اسان اڄ هن ڌرتيءَ تان عهد ڪريون ٿا تہ اسان ڪنهن کي بہ لساني ڪارڊ کيڏڻ نہ ڏينداسين.

بقايا عوامي سوچ 22

ٽال ۾ فوت ٿي ويو، فوتي جو لاش ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو ۾ پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، جنهن بعد وارثن پاران جوابدارن جي گرفتاري لاءِ لاش ايس ايس پي موڙ تي رکي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو، تفصيل موجب پير محمد مراد ڪالوني ۾ 15 ڏينهن اڳ پلاٽ جي معاملي تان زنئور ۽ سولنگي برادري جي ماڻهن وچ ۾ جهيڙو ٿيو هو، جنهن دوران ذوالفقار سولنگي سخت زخمي ٿي پيو هو، جيڪو سيوهڻ اسپتال ۾ علاج هيٺ هو، پر زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو، واقعي جو ڪيس اي سيڪشن ٿاڻي دادو تي پڻ داخل ٿيل آهي، ذوالفقار سولنگي جي وارثن اياز سولنگي، انورعلي سولنگي، حافظ سڪندر سولنگي، بلاول سولنگي، پيرل سولنگي، ميو خان سولنگي ۽ ٻين فوتي جو لاش ايس ايس پي موڙ تي رکي احتجاج ڪيو، ان موقعي تي مظاهرين ٽائرن کي باهيون ڏئي سخت نعريبازي ڪئي، جنهن سبب ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي ۽ شهرين کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو، ان موقعي تي متاثر وارثن مطالبو ڪيو تہ واقعي ۾ ملوث جوابدارن عبدالرزاق عرف نعمان زنئور، عبدالرحيم زنئور، فاروق علي زنئور ۽ ٻين نامعلوم جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي، هنن چتاءُ ڏنو تہ جيستائين جوابدار گرفتار نہ ٿيندا، تيستائين ڌرڻو جاري رهندو، هوڏانهن ڌرڻي واري هنڌ اي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او بينظير جمالي پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون ۽ ڪين جوابدارن جي جلد گرفتاري جي خاطري ڪرائي، جنهن بعد وارثن احتجاج ختم ڪري لاش کڻي پير محمد مراد ڪالوني روانا ٿي ويا، فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، وارثن جون اوڇنگارون ۽ دانهن ڪوڪون پئجي ويون، جڏهن تہ سڄي علائقي ۾ سوڳ واري فضا ڇانئجي وئي

بقايا عوامي سوچ 23

ڻ لاءِ هڪ شاندار ۽ يادگار رهاڻ دادو [illegible] ڪلب جو جنرل سيڪريٽري گل پنڊ، سماج سڌارڪ ضمير ڪوريجو، لالا فيروز ڪنير ۽ سماجي ڪارڪن محمد امين جمالي شامل هئا. پروگرام جي ڪارروائي سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو جي سيڪريٽري نور ڪنير هلائي، تقريب جي شروعات راڳي بشير احمد پٽي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي وائي ڳائي ڪئي، جنهن ڪانپوءِ ڪالم نگار اميد سنڌي ۽ رجب راز پٽي ڪامريڊ نور محمد سومري جي زندگي، ادبي سفر، فڪري جدوجهد ۽ سماجي خدمتن بابت تحقيقي مقالا پيش ڪيا. راڳي قادر سنڌي ۽ اسلم راهي پنهنجي سريلي آواز ۾ گيت پيش ڪري محفل کي موسيقيءَ جي رنگن سان واسي ڇڏيو، ان موقعي تي مقررن خطاب ڪندي چيو تہ ڪامريڊ نور محمد سومرو اهڙي جاڪوڙي ۽ عوام دوست شخصيت آهي، جنهن پنهنجي سموري زندگي عوامي خدمت، سماجي ڀلائي، قومي شعور ۽ فڪري جدوجهد لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي، هن ڪڏهن بہ پنهنجي جدوجهد کان هٿ نہ ڪنيو ۽ هر دور ۾ عوام جي حقن، سماجي سڌاري ۽ روشن خياليءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي، مقررن وڌيڪ چيو تہ سندس علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتون ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهہ آهن، جڏهن تہ اهڙيون بي لوث ۽ جاڪوڙي شخصيتون ڪنهن بہ قوم جو قيمتي سرمايو هونديون آهن. تقريب دوران ڪامريڊ نور محمد سومري سان محبت، عقيدت ۽ احترام جو اظهار ڪندي ڪيس اجرڪون، لونگيون، سنڌي ٽوپيون، گلن جا هار ۽ ٻيون سوکڙيون پيش ڪيون ويون. رهاڻ ۾ صحافي نائب صدر سرور جلال سولنگي، جنرل سيڪريٽري گل پنڊ، علي گل چنا، سخي سرار چارڻ، الهہ بخش خشڪ، غلام سرور شيخ، نظير نياز جويو، غلام رسول سومرو، امجد قمبراڻي، آسي بدرچنا، منظور صنم جويو، نثار گوهر سومرو، تابش بخاري، هالار ياسين، خليل عارف سومرو، ڊاڪٽر عبدالحميد ميراڻي، ٻاجهي لغاري، دکي دائود سومرو، وريام سنڌي، اڪبر ستابو، اسد ڪورائي، محمد افضل ڪلهوڙو، محمد عرس سومرو، جاويد اقبال ڳورڙ، ارشاد سخيراڻي، ڊاڪٽر ناز ڪاظمي، وزير جمالي، عاشق دادوي، ڊاڪٽر عمران سومرو، سجاد يوسف سومرو، اسد سومرو، طارق آرائين، پڳت ڪبير، ذوالفقار ٿهيم، نظام الدين ناز، علي جان زنئور، اياز سيفي چارڻ، سليم سيتائي، احمد خان لاشاري، فقير محمد سرمند سولنگي، گهايل لغاري، محمد ايوب لغاري، محمد بخش ڪورائي، صحافي سليم اختر، جاويد لغاري، مصطفيٰ احمد ملڪاڻي ۽ صابر جويو سميت وڏي انگ ۾ اديبن، شاعرن ۽ سماجي ڪارڪنن شرڪت ڪئي، تقريب جي پڄاڻيءَ تي ماڻ واري شخصيت ڪامريڊ نور محمد سومري سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو جي سيڪريٽري نور ڪنير، تنظيم جي سمورن ساٿين ۽ تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ دوستن جا ٿورا مڃيندي پنهنجي زندگيءَ جي جدوجهد، سماجي سفر ۽ مختلف تجربن بابت تفصيلي خيالن جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجي زندگيءَ جي اهم پهلوئن کان شرڪت ڪندڙن کي آگاهہ ڪيو

بقايا عوامي سوچ 24

ڪئي، ان موقعي تي سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽي اياز لطيف پليجو کي مبارڪباد پيش ڪئي وئي تقريب ۾ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ گل بهار رستماڻي، قيوم لاشاري، مرڪزي هاري تحريڪ جي اڳواڻ گل حسن برهماڻي، سڄاڳ ٻار تحريڪ جي ڪامريڊ شهزاد برهماڻي، عروسہ باغي، حسين بخش رستماڻي، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ اميرزادي برهماڻي ۽ ماجد برهماڻي شرڪت ڪئي، اجلاس دوران 21 نومبر تي ميهڙ ۾ منعقد ٿيندڙ محبت سنڌ ريلي جي تيارين جو جائزو ورتو ويو، ريلي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مختلف سياسي، سماجي ۽ عوامي ڌرين سان رابطا ڪرڻ، ڪين باضابطہ دعوتون ڏيڻ ۽ عوامي سطح تي رابطا مهم هلائڻ بابت صلاح مشورا ڪيا ويا، اڳواڻن ان عزم جو اظهار ڪيو تہ ريلي ۾ ڀرپور شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ڪيون وينديون ان موقعي تي اڳواڻن اياز لطيف پليجو کي سالگرهہ جون مبارڪون پيش ڪندي سندس وڏي ڄمار، صحت ۽ سلامتي لاءِ دعا ڪئي ۽ سنڌ جي حقن، وسيلن ۽ قومي خودمختياريءَ لاءِ سندس جدوجهد جاري رهڻ جي اميد ظاهر ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 25

ال روهڙي منتقل ڪيو جتي وارثن احتجاج ڪندي الزام هنيو تہ بااثرن پستل ۽ مشين جا بٽ هڻي نوجوانن کي رتورت ڪيو آهي هنن ايس ايس پي سکر کان نوٽس وٺي جوابدارن جي گرفتاري تحفظ ۽ انصاف جي فراهمي جو مطالبو ڪيو. ٻئي پاسي ڊبر ٿاڻي جي ايس ايڇ او غلام قادر بلوچ رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ ڪين اهڙي واقعي جي ڪا بہ اطلاع ناهي ملي جڏهن تہ ڌرين وچ ۾ ملڪيت جو معاملو عدالت ۾ هلندڙ آهي، واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 26

تو، گلن جا هار، سنڌ جي ثقافت جي علامت سنڌي اجرڪ، ٽوپي، شڪارپور جو مشهور آچار ۽ ٻيون ثقافتي سوکڙيون پيش ڪيون ويون. ملاقات ۾ مختلف برادرين سان تعلق رکندڙ الحق فائونڊيشن شڪارپور يونٽ جا عهديدار شامل هئا. ان موقعي تي فائونڊيشن جي مقصدن ۽ ڪمن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. الحق فائونڊيشن جو بنيادي مقصد بيروزگار ماڻهن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪري ڪين پنهنجي پيرن تي بيهارڻ، ضرورت مند، مستحق ۽ بيروزگار ماڻهن کي بنا وياج آسان قسطن تي قرض فراهم ڪرڻ سميت ٻين فلاحي سرگرمين ذريعي معاشري جي محروم طبقن جي مدد ڪرڻ آهي. ان موقعي تي شڪارپور يونٽ جي عهديدارن فائونڊيشن جي باني محمد رضوان الحق ملڪ جا ٿورا مڃيندي چيو تہ هن شڪارپور ۾ پڻ ضرورت مند، بيروزگار ۽ مستحق ماڻهن کي بنا وياج آسان قسطن تي قرض فراهم ڪرڻ لاءِ يونٽ قائم ڪري هڪ اهم فلاحي قدم کنيو آهي. عهديدارن ان عزم جو اظهار ڪيو تہ انشاءَ الله هو هن فلاحي مشن کي ڪاميابي سان اڳتي وڌائيندا ۽ مستحق ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا.

بقايا عوامي سوچ 27

، منائي ورهائي وئي ۽ پرجوش نعرن ۽ تاڙين جي گونج ۾ پروفيسر شري نارائڻ کي پرنسپال جي ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو، ان موقعي تي نئين پرنسپال پروفيسر شري نارائڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ ڪاليج جا بنيادي ۽ جائز مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ سندس پهرين ترجيح هوندي. هن اعلان ڪيو تہ ڪاليج جا اهم مسئلا هڪ مهيني اندر حل ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا. جڏهن تہ پاڻيءَ جي مين لائين جي ڪنيڪشن ۽ خراب پائپن جي تبديليءَ لاءِ نون پائپن جو آرڊر پڻ پنهنجي مقرريءَ وقت ئي ڏنو ويو آهي، جنهن تي جلد عملدرآمد ڪيو ويندو. هن وڌيڪ چيو تہ ڪاليج کي ٻيهر سرسبز ۽ شاداب بڻائڻ لاءِ نئين سر شجرڪاري مهم شروع ڪئي ويندي، جنهن تحت نوان وڻ، ٻوٽا، گاهہ ۽ خوبصورت گل پوکيا ويندا، جيئن تعليمي اداري جي ماحول کي خوشگوار ۽ خوبصورت بڻائي سگهجي، ٻئي پاسي ڪاليج ۾ انتظامي تبديليءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ ايليمينٽري ڪاليج ٽيچرز ايسوسيئيشن (ECTA) جي قيادت جي ڪوشش کي پڻ ساراهيو ويو، ايسوسيئيشن جي صدر پروفيسر گل محمد ڪيريو، جنرل سيڪريٽري پروفيسر ڪامران نواز ميمڻ ۽ سينيئر نائب صدر پروفيسر دليل جتوئي جي جدوجهد کي اهم قرار ڏنو ويو، جڏهن تہ پروفيسر حاصل محمد پاتو سميت سنڌ جي مختلف علائقن جي پروفيسرن ۽ خاص ڪري سکر جي استادن جي سهڪار ۽ يڪجهتيءَ کي پڻ ڀيٽا پيش ڪئي وئي، ان موقعي تي ڪجهہ استادن پاران اڳوڻي پرنسپال عبدالغني سومرو جي هڪ سال واري دور بابت مبينا ڪرپشن، عملي سان نامناسب رويو، گارگند ۽ آمرانہ طرزعمل جا الزام پڻ سامهون آيا، جنهن سبب استادن ۽ ملازمن ۾ شديد بيچيني موجود هئي. تنهن هوندي بہ استادن ۽ عملي نئين پرنسپال پروفيسر شري نارائڻ جي مقرريءَ کي ڪاليج ۾ نئين دور جي شروعات قرار ڏيندي اميد ظاهر ڪئي تہ نئين انتظاميا ڪاليج جا پراڻا مسئلا حل ڪرڻ، تعليمي ماحول بهتر بڻائڻ، استادن ۽ ملازمن جي جائز حقن جو تحفظ ڪرڻ ۽ اداري جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڀرپور قدم کڻندي، هنن چيو تہ ڪاليج ۾ گذريل هڪ سال کان جاري مبينا بدانتظاميءَ جي خاتمي ڪان پوءِ هاڻي اداري جي ٻيهر ترقي ۽ خوشحاليءَ جي راهہ تي گامزن ڪرڻ جو موقعو مليو آهي.

بقايا عوامي سوچ 28

ري مقرر ڪيو ويو آهي، نئين ذميواري ملڻ تي پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن پاران خوشيءَ جو اظهار ڪندي سکر ڪان ڳڙهي خدا بخش تائين ريلي ڪڍي وئي، جتي پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شهيد جمهوريت محترمہ بينظير ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحہ خواني ڪئي، ان موقعي تي نئين چونڊيل ضلعي انفارميشن سيڪريٽري اياز ٻرڙو صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران پارٽي اندر نوجوانن کي اڳتي آڻڻ واري روايت کي برقرار رکندي مون جهڙي نوجوان کي اهم ذميواري ڏئي اهو ثابت ڪيو آهي تہ پيپلز پارٽي ڪارڪنن جي پارٽي آهي، جتي نوجوانن کي پڻ اڳتي وڌڻ ۽ پارٽي جي خدمت ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ٿا، اياز ٻرڙو وڌيڪ چيو تہ پارٽي قيادت پاران مٿس اعتماد ڪرڻ تي هو قيادت جو ٿورائتو آهي ۽ پنهنجي ذميواري ڀرپور نموني نڀائڻ سان گڏ پارٽي جو پيغام عوام تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو، هن چيو تہ پيپلز پارٽي ۽ ان جا ڪارڪن سنڌ جي سياسي ۽ آئيني حيثيت بابت پنهنجي موقف تي قائم آهن، جيستائين پيپلز پارٽي ۽ ان جا ڪارڪن زنده آهن، تيستائين سنڌ اندر نوان صوبا ٺاهڻ جو سوچي بہ نٿو سگهجي، ان موقعي تي ٽائون چيئرمين عزيز الله مغل، حضور بخش ميراڻي، عرفان علي دائود پوٽو، لال ڏنو پنيرو، اورنگزيب قريشي، غضنفر انصاري، ايران سميجو ۽ وڏي انگ ۾ پارٽي ڪارڪنن پاران اياز ٻرڙو کي نئين ذميواري ملڻ تي مبارڪون ڏنيون ويون، جڏهن تہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀري ڪيس خراج عقيدت پڻ پيش ڪيو ويو

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

حضرت فاطمه زهره سلام الله عليها جي شهادت جي حوالي سان امام بارگاهه يادگارِ ڪربلا نوابشاهه ۾ مجلس عزا منعقد

مجلسِ عزا کي مولانا مولا بخش هالائي، زوار محمد حسين چانڊيو، مولانا مشتاق حسين مري ۽ زوار آصف حسين الحسيني خطاب

حضرت بي بي فاطمه زهره سلام الله عليها رسول خدا حضرت محمد مصطفيٰ ص جي خدمت ۾ تشريف تينديون هيون

رسول خدا ص پاڻ جن جي استقبال لاءِ بيهي رهندا هئا، پاڻ جن جو احترام ڪندي پنهنجي جاءِ تي ويهاريندا هئا

نوابشاهه (رپورٽ ڪاشف علي رند) شيعه علماء ڪائونسل ضلعي نوابشاهه پاران رسول خدا جي نياڻي حضرت فاطمه زهره سلام الله عليها جي شهادت جي حوالي سان امام بارگاهه يادگارِ ڪربلا نوابشاهه ۾ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي، مجلسِ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ٽنڊو محمد خان ۾ ڏهين جماعت جي شاگرد کي مبينا اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، ٻن ڄڻن خلاف ڪيس داخل

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: حبيب شيخ) ٽنڊو محمد خان شهر ۾ ڏهين جماعت جي شاگرد کي مبينا طور اغوا ڪرڻ جي ڪوشش جو واقعو پيش آيو آهي، جنهن جو ڪيس ٻن ڄاتل جوابدارن مبشير ميمڻ ۽ عبدالڪريم خلاف سٽي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي، تفصيل موجب /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

حاجي عبدالڪريم شورو پاران ٺٽي جي ساحلي پٽي جي مختلف علائقن ٻگهاڻ، ٻاڙهو ۽ ان جي آسپاس جي ڳوٺن جو دورو

عمري جي سعادت ماڻي ايندڙن کي مبارڪون ڏيڻ سميت هڪ مدرسي ۾ مفتوي سان ملاقات

دعائون وٺڻ سميت فاتح خواني ڪري مختلف ماڻهن سان سندن ڏک ۾ پڻ شريڪ ٿيو

هن ٺٽي جي ساحلي پٽي ٻگهاڻ ۽ ٻاڙهو شهرن ۾ پهچي حاجي عبداللطيف ڪڙمون کي عمري جي سعادت ماڻڻ تي مبارڪون

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) عشر زڪوات ڪميٽي ضلعي ٺٽي جي چيئرمين حاجي عبدالڪريم شورو پاران ٺٽي جي ساحلي پٽي جي مختلف علائقن ٻگهاڻ، ٻاڙهو ۽ ان جي آسپاس جي ڳوٺن جو دورو ڪري عمري جي سعادت ماڻي ايندڙن کي م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

تعلقه اسلام ڪوٽ جي آر ايڇ سي ۾ سهولتن نه هجڻ سبب غريب مسڪين ماڻهون پريشان

ڊينگي بخارجي علاج جي سهولت نه هجڻ سبب مريض مٺي ريفر

ڊينگي بخارجي ڪري مٺي ريفر ڊاڪٽرن جون اهم پوسٽون خالي ٽن سالن کان مريض پريشان

اسلام ڪوٽ (رپورٽ امان الله هنگورجو) تعلقه اسلام ڪوٽ جي آر ايڇ سي ۾ سهولتن نه هجڻ سبب غريب مسڪين ماڻهون پريشان ڊينگي بخارجي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ماهيگيرن سان غيرمقامي لانچن وارن جي بدمعاشي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين: ياسمين شاهه

ڊي جي فشريز ميرين ڊاڪٽر عاصم ڪريم جي ماهيگيرن سان ڪيٽي بندر ۾ ملاقات

داد رسي لکت ۾ درخواست داخل ڪرڻ ستو سنوڻ آهي اميد ته شرپسندن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

اميد ته شرپسندن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ٻي صورت ۾ انصاف لاءِ سخت احتجاج ڪيو ويندو

ٺٽو (ريوٽ واحد شورو) فشر فوڪ فورم جي مرڪزي چيئرمين مهراڻ علي شاهه ۽ وائيس چيئرمين ياسمين شاهه بيان جاري ڪندي چيو آهي ته ڪيٽي بندر لڳ سامونڊي حدن ۾ مقامي ماهيگيرن سان غيرمقامي لانچن وارن جي بدمعاش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

سوشل آرٽ سرڪل سجاول پاران سنڌي اصلاحي اسٽيج ناٽڪ "ميرو مٺائي وارو" پيش

پيش ڪيل اسٽيج ناٽڪ جا مهمان خاص پ پ تعلقه سجاول جي صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ ۽ پ پ جي سرگرم اڳواڻ ياءِ عبداللطيف ميمڻ شرڪت

آرگنائيزرن اداڪارن نديم شهزاد ڪٽي، آڪاش اڪبر زنگيجو ۽ ناشاد نظير لوهار پاران ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ، ياءِ عبداللطيف ميمڻ ۽ آيل معززين کي لنگين جا تحفا پيش

ان موقعي تي زاهد حسن ڪلو، نجيب سرويچ، شهمير گبول ميمڻ، ابراهيم سوهو، گلاب ڪوٽ، جنيد ميمڻ، اياز امر شيخ، سجاول پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري امتياز ميمڻ سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت

سجاول (رپورٽ: امتياز ميمڻ) ثقافت کاتو حڪومت سنڌ جي سهڪار سان سوشل آرٽ سرڪل سجاول پاران سنڌي اصلاحي اسٽيج ناٽڪ "ميرو مٺائي وارو" پيش ڪيو ويو پريس ڪلب سجاول اڳيان پيش ڪيل اسٽيج ناٽڪ جا مهمان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

محسن هائوس ٺٽو عوامي خدمت ۽ تڪرارن جي حل جو مرڪز بڻجي ويو

عبدالحميد پنهور ٻن ڌرين وچ ۾ زميني تڪرار خوش اسلوبيءَ سان حل ڪرائي ڇڏيو

محمد اسماعيل گلڙي ۽ علي محمد گلڙي وچ ۾ هلندڙ زميني تڪرار جو پاڻ نوٽيس

ٻنهي ڌرين جا موقف تفصيل سان ٻڌا ۽ گڏيل صلاح مشوري بعد تڪرار خوش اسلوبيءَ سان حل ڪرائي ٻنهي ڌرين کي کير کنڊ ڪري ڇڏيو

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) محسن هائوس ٺٽو عوامي خدمت ۽ تڪرارن جي حل جو مرڪز بڻجي ويو. عبدالحميد پنهور ٻن ڌرين وچ ۾ زميني تڪرار خوش اسلوبيءَ سان حل ڪرائي ڇڏيو پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جي سينيئر نائب صدر ۽ چيئر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

پ پ ايم اين اي دادو جوهي سردار رفيق احمد جمالي جوهي لڳ ڳوٺ شهمير گاڏهي پهتو

نيڪ مردن پ پ ورڪر جيالن جيئي ڀٽو جي نعرن جي گونج ۾ مين روڊ کان ڳوٺ تائين گلن جي ورکا ڪندي استقبال ڪيو

بعد ۾ پ پ ايم اين اي رفيق احمد جمالي آر او پلانٽ جو افتتاح ڪندي دعا گهري

موجوده علائقي اندر ۾ زير زمين پاڻي ڪافي وقت کان کارو هجڻ ڪري ڳوٺاڻا پيئڻ جي صاف پاڻي لاءِ وڏين تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا هئا

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) پ پ پ سنڌ جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل ۽ پ پ ايم اين اي دادو جوهي سردار رفيق احمد جمالي جوهي لڳ ڳوٺ شهمير گاڏهي پهتو جتي سوين ڳوٺاڻن شاهه محمد گاڏهي ۽ علي مراد گاڏهي ۽ ٻين ڳوٺن جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

68 ميل ۾ ايامِ سيده فاطمه زهراءِ سلام الله عليها جي مناسبت سان مجلسِ عزاءِ عزاداري جو پروقار پروگرام منعقد

بيبي پاڪ سيده فاطمه زهراءِ سلام الله عليها جي سيرت، فضيلتن، قربانين ۽ اسلام لاءِ ڏنل عظيم خدمتن تي روشني وڌي

ان موقعي تي قبلا علامه اسد رضا نعيمي صاحب، قبلا علامه محمد اسماعيل قمي صاحب آف قم المقدس ايران ۽ مولانا امتياز علي روحاني صاحب خطاب ڪيو

68 ميل (رپورٽ ڪاشف علي رند) مرڪزي جامع مسجد سجاديه 68 ميل ۾ ايامِ سد فاطمه زهراءِ سلام الله عليها جي مناسبت سان مجلسِ عزا ۽ عزاداري جو پروگرام منعقد 68 ميل: مرڪزي جامع مسجد سجاديه 68 ميل ۾ ايامِ سيده فاطمه زهراءِ سلام الله عليها جي مناسبت سان مجلسِ عزا ۽ عزاداري جو پروقار پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ نامور عالمن سڳورن ۽ ذاڪري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

احمد شاهه ڪاظمي عمري جي سعادت حاصل ڪري سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي پهچي ويو

سيد احمد شاهه ڪاظمي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي ڏيهه سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي، گلشن سيد وليج پهچي ويو

الله پاڪ کيس عمري جي سعادت قبول فرمائي ۽ کيس وڌيڪ خدمت جي توفيق ڏئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) سماجي اڳواڻ سيد احمد شاهه ڪاظمي عمري جي سعادت حاصل ڪري سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي پهچي ويو، گلشن سيد وليج ۾ شاندار استقبال سوين ڀوڏ متاثرن جو واهر ڪرڻ وارو انسان. س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

سنڌ جي وحدت ۽ يڪجهتي جو تحفظ هر شهري جي ذميواري آهي: بيرسٽر ويرم خان مهر

سنڌ پر ۾ پڻ ان حوالي سان مختلف سياسي ۽ سماجي حلقن پاران پنهنجي موقف جو اظهار ڪيو پيو وڃي

پاڪستان پيپلز پارٽي جو موقف هڪ ڀيرو ڀيهر بحث جو موضوع بڻجي ويو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سميت پارٽي جي مرڪزي قيادت پاران سنڌ ۾ نون صوبن جي قيام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

پراڻي سکر مان 22 ورهين جو نوجوان هڪ هفتي کان گم، وارثن پاران ڳولا ۾ مدد جي اپيل

جنهن جي گمشدگي سبب گهر ۾ ڪهرام متل آهي ۽ وارث سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن

اسان غريب مزدور ماڻهو آهيون، اسان جو پٽ هڪ هفتو اڳ گهران نڪتو هو

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) پراڻي سکر جي علائقي بابن شاهه جوڻيجا محلي جو رهواسي 22 ورهين جو نوجوان محمود جوڻيجو گذر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ناول نگار ۽ ڪالم نويس مشتاق ڪاملاڻي لاڏاڻو ڪري ويو، ادبي حلقن ۾ سوڳ جي لهر

سندس جنازي نماز اڄ مغرب جي نماز ڪانپوءِ سجاول ۾ ادا ڪئي ويندي

سندس ڪيترين ئي لکڻين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڀارت جي آڪاشواڻي تان پڻ نشر ٿينديون رهيون

سجاول: (رپورٽ: امتياز ميمڻ) سنڌ جو ناميارو ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ڪالم نويس مشتاق ڪاملاڻي لاڏاڻو ڪري ويو، ادبي حلقن ۾ سوڳ جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

پاڪستان مسلم ليگ ن ٿرپارڪر پاران مٺي ۾ جلسو، عوام جي وڏي انگ ۾ شرڪت

منهنجو پيارو پاڪستان" جي عنوان سان مٺي جي صادق فقير چوڪ تي جلسو منعقد ڪيو ويو

مٺي (ڊِر محمد رحيم مگريو) مٺي: پاڪستان مسلم ليگ ن ٿرپارڪر پاران مٺي ۾ جلسو، عوام جي وڏي انگ ۾ شرڪت، تفصيل موجب پاڪس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

جنگشاهي ويجهو ڪي ڊي اي ڪينال ۾ افسوسناڪ حادثو

ڪراچي پوليس جو 22 ورهين جو اهلڪار ٻڏي فوت، هڪ ڄڻي کي بچايو ويو

چار ڪلوميٽر پري ڪراچي کي پاڻي فراهم ڪندڙ ڪي ڊي اي ڪينال ۾ افسوسناڪ حادثو پيش آيو

جنگشاهي (رپورٽر) جنگشاهي ويجهو ڪي ڊي اي ڪينال ۾ افسوسناڪ حادثو، ڪراچي پوليس جو 22 ورهين جو اهلڪار ٻڏي فوت، هڪ ڄڻي کي ب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

يو سي ڀليڄاڻي جا مالوند ماڻهو سرڪاري سهولتن ۽ جانورن جي ويڪسينيشن کان محروم

سندن علائقا اڄا تائين انهن سرڪاري سهولتن کان مڪمل طور محروم آهن

اڄ تائين عام موسمي بيمارين کان بچاءَ واري بنيادي ويڪسينيشن جي سهولت به مُهيا نه ٿي سگهي

گهارو (رپورٽ عبداللطيف) جتي هڪ پاسي لائيو اسٽاڪ کاتي پاران جديد تحقيق ۽ غريب ماڻهن کي مفت چوپايو مال ڏيڻ جي منصوبن بابت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ڄام صاحب ۾ سخي ڄام ڏاتار جو ساليانو ميلو سڀاڻي کان شروع، سمورين تيارين مڪمل

ميلي جو افتتاح سڀاڻي مهندي ۽ چادر چاڙهڻ جي روحاني تقريب سان ڪيو ويندو

پهريون ۽ افتتاحي ملاڪڙو پڻ سڀاڻي کان شروع ٿيندو

ڄام صاحب (رپورٽ: ڪاشف علي رند) سنڌ جي مشهور بزرگ ۽ اولياءَ الله حضرت سخي ڄام ڏاتار رح جو ساليانو عرس مبارڪ سڀاڻي 16 نومبر 202/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

محمد قاسم سومرو جي ياد ۾ آل ڊسٽرڪٽ ٽيپ ٽينس ٽورنامينٽ ڀٽائي گرائونڊ تي ڪرائي وئي

جنهن ۾ 30 نالي وارين ٽيمن حصو ورتو ٽن ڏينهن جي دلچسپ مقابلن بعد سيمي فائينل مئچون

پهرين بيٽنگ ڪندي علي وارث ڪرڪيٽ ڪلب 8 اوورن 122 رنس جو ٽارگيٽ ڏنو

جوهي (اسپورٽس نيوز رحيم بخش ميمڻ) ڀٽائي ڪرڪيٽ ڪلب جوهي طرفان محمد قاسم سومرو جي ياد ۾ آل ڊسٽرڪٽ ٽيپ ٽينس ٽورنام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ديدار ابڙو پاران 50 سولر اسٽريٽ لائيٽون مستحق مختلف ڳوٺن جي ماڻهن کي ڏنيون ويون

انهي سان گڏ مختلف ڳوٺن ۾ ست سولر سسٽم تي هلندڙ پيئڻ جي پاڻي وارا ٿمر پمپ تقسيم ڪيا آهن

اسان جي ڪوشش آهي ته جيڪا اسان کي بجيٽ امانت ٿئي ملي ٿي

مٺي (ڊِر محمد رحيم مگريو) ڪلوئي پرسان يونين ڪائونسل ٻولهاڙي جي چيئرمين سومار علي هوٿي ۽ سيڪريٽري ديدار ابڙو پاران 50 سولر ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ٺٽي لڳ ڪي ڊي اي واهه ۾ وهنجندي 2 ڄڻا ٻڏي ويا

حاجي جعفر ڪماڻ پرسان ڪي ڊي اي واهه ۾ وهنجي رهيا هئا ته 2 نوجوان افضل خان پٺاڻ ۽ رومان خان ٻڏي ويا

جن مان بروقت ڳوٺاڻن هڪ نوجوان افضل خان کي بچائي ورتو هڪ نوجوان رومان پٺاڻ ٻڏي ويو

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) ٺٽي لڳ ڪي ڊي اي واهه ۾ وهنجندي 2 ڄڻا ٻڏي ويا هڪ کي بچايو ويو ٻئي جي ڳولا جاري ڪراچي کان گهمڻ لاءِ آيل ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ٽرمان مودي کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته پاڪستان ۾ هندو برادري محفوظ آهي: ڪيئل داس ڪوئستاني

سموريون اقليتون مڪمل طور آزاد ۽ خودمختيار آهن، مودي دهشتگردي کي مذهب سان ڳنڍيو

پاڪ فوج ڀارت کي حق جي جنگ ۾ تاريخي شڪست ڏني آهي، پاڪستان اڄ خطي ۽ دنيا جي امن لاءِ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

جنهن جو سهرو فيلڊ مارشل جنرل آصم منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي ٽيم ڏانهن وڃي ٿو

مٺي(ڊِر محمد رحيم مگريو) وفاقي وزير ڪيئل داس ڪوهستاني چيو آهي ته ٽرمان مودي کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته پاڪستان ۾ هندو برادري محفوظ آهي، سموريون اقليتون مڪمل طور آزاد ۽ خودمختيار آهن. مودي دهشتگردي کي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

پلاٽ تڪرار تان ٿيل جهيڙي ۾ زخمي ذوالفقار سولنگي زندگي جي جنگ هارائي ويو

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو ايس ايس پي موڙ تي لاش رکي ڌرڻو، ٽائرن کي باهيون، ٽريفڪ معطل

فوتي جو لاش ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو ۾ پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

جنهن بعد وارثن پاران جوابدارن جي گرفتاري لاءِ لاش ايس ايس پي موڙ تي رکي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) پير محمد مراد ڪالوني ۾ 15 ڏينهن اڳ پلاٽ جي تڪرار تان زنئور ۽ سولنگي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي دوران سخت زخمي ٿيل ذوالفقار ولد قل خان سولنگي زخمن جا سور نه سهندي سيوهڻ اسپ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ڪامريڊ نور محمد سومري جي علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن کي ڀيٽا

دادو پريس ڪلب ۾ شاندار رهاڻ، اديبن، شاعرن ۽ سماجي اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

سماجي سفر ۽ مختلف تجربن بابت تفصيلي خيالن جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجي زندگيءَ جي اهم پهلوئن کان شرڪت ڪندڙن کي آگاهه ڪيو

صحافين، سماجي ۽ سياسي اڳواڻن سميت مختلف مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو پاران سنڌي ادبي سنگت جي سينيئر ساٿي، نثر نويس ۽ ناميار سماج سڌارڪ ڪامريڊ نور محمد سومري جي علمي، ادبي، سماجي ۽ قومي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

قومي عوامي تحريڪ واهي پانڌي يونٽ جو اجلاس، اياز لطيف پليجو جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

21 نومبر تي ميهڙ ۾ ٿيندڙ محبت سنڌ ريلي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ تياريون تيز، سياسي ۽ سماجي ڌرين کي دعوتون ڏيڻ ۽ عوامي رابطا مهم هلائڻ جو فيصلو

عروسه باغي، حسين بخش رستماڻي، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ اميرزادي برهماڻي ۽ ماجد برهماڻي شرڪت ڪئي

اجلاس دوران 21 نومبر تي ميهڙ ۾ منعقد ٿيندڙ محبت سنڌ ريلي جي تيارين جو جائزو ورتو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو جي سالگرهه جي مناسبت سان قومي عوامي تحريڪ واهي پانڌي پاران تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پارٽي ۽ لاڳاپيل تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ڳوٺ ڊرب ۾ گهر جي پلاٽ واري تڪرار تان ميراڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ مبينا جهيڙي دوران مختيار علي ۽ لطف علي ميراڻي زخمي

جنڪي وارثن ڪٽائي تعلقا اسپتال روهڙي منتقل ڪيو جتي وارثن احتجاج

ايس ايس پي سکر کان نوٽس وٺي جوابدارن جي گرفتاري تحفظ ۽ انصاف جي فراهمي جو مطالبو ڪيو

ڊبر ٿاڻي جي ايس ايڇ او غلام قادر بلوچ رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڪين اهڙي واقعي جي ڪا به اطلاع ناهي ملي

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي پرسان ڊبر ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڊرب ۾ گهر جي پلاٽ واري تڪرار تان ميراڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ مبينا جهيڙي دوران مختيار علي ۽ لطف علي ميراڻي زخمي ٿي پيا جنڪي وارثن ڪٽائي تعلقا اسپت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

الحق فائونڊيشن شڪارپور يونٽ جي عهديدارن جي باني محمد رضوان الحق ملڪ سان ملاقات، گلن ۽ ثقافتي سوکڙيون پيش

گلن جا هار، سنڌ جي ثقافت جي علامت سنڌي اجرڪ، ٽوپي، شڪارپور جو مشهور آچار ۽ ٻيون ثقافتي سوکڙيون پيش ڪيون ويون

ملاقات ۾ مختلف برادرين سان تعلق رکندڙ الحق فائونڊيشن شڪارپور يونٽ جا عهديدار شامل هئا

بنا وياج آسان قسطن تي قرض فراهم ڪرڻ سميت ٻين فلاحي سرگرمين ذريعي معاشري جي محروم طبقن جي مدد ڪرڻ آهي

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) الحق فائونڊيشن شڪارپور يونٽ جي عهديدارن فائونڊيشن جي باني محمد رضوان الحق ملڪ سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي، جتي وفد پاران باني محمد رضوان الحق ملڪ کي گلن جو گلدس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج سکر ۾ پروفيسر شري نارائڻ پرنسپال جو چارج سنڀالي ورتو

پروفيسر غلام علي گبول پڻ گريڊ 20 جي پروفيسر جي حيثيت سان ڪاليج ۾ جوائننگ ڏئي ڇڏي

ٻنهي پروفيسرن جي آمد تي ڪاليج جي استادن ۽ عملي پاران شاندار استقبال ڪيو ويو، ڪين گلن جا هار پارايا ويا، مٺائي ورهائي وئي

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج سکر ۾ پروفيسر شري نارائڻ نئين پرنسپال جي حيثيت سان عهدي جو چارج سنڀالي ورتو، جڏهن ته پروفيسر غلام علي گبول پڻ گريڊ 20 جي پروفيسر جي حيثيت سان ڪاليج ۾ جوائننگ ڏئي ڇڏي، ٻنهي پروفيسرن جي آمد تي ڪاليج جي استادن ۽ عملي پاران شاندار استقبال ڪيو ويو، ڪين گلن جا هار پارايا وي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

بلاول ڀٽو زرداري پاران نوجوانن کي پارٽي ۾ اڳتي آڻڻ جو سلسلو جاري

اياز ٻرڙو پيپلز پارٽي ضلعي سکر جو انفارميشن سيڪريٽري مقرر

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀري کيس خراج عقيدت پڻ پيش ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران پارٽي اندر نوجوان قيادت کي اڳتي آڻڻ واري پاليسي تحت ضلعي سکر يوٿ جي صدر ۽ نوجوان اڳواڻ اياز ٻرڙو کي پيپلز پارٽي ضلعي سکر جو انفارميشن سيڪريٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28